# شيخ اياز

# ٽڪرا ٽٽل صليب جا

ٻيو ايڊيشن ١٩٩١

## واٽون ڦلن ڇانئيون



# ٽڪرا ٽٽل صليب جا

# ۽

# واٽون ڦلن ڇانئيون

# ٽڪرا ٽٽل صليب جا

# ۽

# واٽون ڦلن ڇانئيون

(شاعري)

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1991ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ اٺيتاليهه

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي.

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: لغاري اين لغاري ڪارپوريشن،
ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ.

ٽائيٽل ڪيليگرافي: طارق گل پيو

ٻيون ايڊيشن: آگسٽ 1991ع

قيمت: 60/- روپيا
پڪي جلد سان: 80/- روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

NEW FIELDS PUBLICATIONS HYD.

---

*TUKRA TUTAL SALEEB JA and WATOON PHULAN CHHANEYOON (Poetry) written by: SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. Second Edition August 1991. Price Per copy Rs. 60/-*

---

هن ٻنهي ڪتابن جو پهريون ايڊيشن نومبر ١٩٨٤ ۽ جولاءِ ١٩٨٥ع ۾ سڳنڌ پبليڪيشنس لاڙڪاڻو ڇپايو هو.

## انتساب

پنهنجي پياري دوست

مرحوم ع-ق-شيخ جي نالي

شال سيائي جهول ڀري-
جي ٻہ لُڙيءَ ۾ لوچي ويا
تن کي ڪوئي ياد ڪري!

-شيخ اياز

# فهرست


| | |
|---|---|
| ٻه اکر — شيخ اياز | 10-9 |
| **تڪرا تتل صليب جا** | [132-11] |
| نثري نظم | 132-15 |
| **واٽون قلن چانئيون** | [266-133] |
| وايون | 167-137 |
| هائيڪو | 196-169 |
| بيت | 215-197 |
| نظم | 216 |
| نثري نظم | 266-217 |

شامل ڪري، تو کي "پٿڻ ٿو پور ڪري" جي نالي سان ڇپڻ لاءِ ڏيان ٿو.

ڪتاب "پٿڻ ٿو پور ڪري" ۾ اٽڪل ويهارو کن نوٽبڪ جا ٽڪر، جن کي مون نثري نظم جي شڪل ڏني، ناولن تان ۽ ٻين ڪتابن تان ترجما آهن ۽ ان ڪري يوسف شاهين ١٩٨٠ع ۾ پيش لفظ ۾ لکيو هو ته هيءُ ڪتاب شيخ اياز جي مشاهدي ۽ مطالعي جو نتيجو آهي. اهڙا ڪيئي اصلي نثري نظم ۽ ترجمو ٿيل ڪجھ نوٽبڪ جا ٽڪرا، جي ١٥ صفحن کان به وڌيڪ نه ٿيندا، مون "ٽڪرا ٽٽل صليب جا" جي نالي سان زيب سنڌيءَ جي معرفت به ڇپايا، ۽ ان ۾ زيب سنڌيءَ ١٩٨٤ع ۾ "ڳالهين" جي عنوان سان مهاڳ لکيو آهي جو اُن ڪتاب ۾ شامل آهي ۽ جنهن مان ظاهر آهي ته انهن مان ڪجھ نثري نظم منهنجي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جو نتيجو آهن. مان ڀانيان ٿو ته ان ڪتاب جي ١١٠ صفحن ۾ اٽڪل ١٥ صفحا ترجمي جا هوندا. ٽيون نثري نظمن جو ڪتاب "واٽون ڦلن ڇانئيون" به مون زيب سنڌيءَ کي ڇپڻ لاءِ ڏنو، جو هُن سهڻي پرنٽرس، اَلهندو ڪچو، حيدرآباد، مان ١٩٨٥ع ۾ ڇپايو، جا ڳالهه اُن ڪتاب ۾ لکيل آهي.

مون زيب کي ان ڪتاب تي پاڻ پيش لفظ لکڻ لاءِ چيو، ڇو ته اڳيون "ٽڪرا ٽٽل صليب جا" ڪتاب وارو پيش لفظ به هُن منهنجي هدايت موجب لکيو هو، اهڙيون تارون ۽ خطّ مون سوڀي گيانچندالڻيءَ کي لاڙڪاڻي ڏانهن ڪيا ته زيب سنڌي پيش لفظ لاءِ مون سان ضرور ملي، پر زيب اُهو ڪتاب حيدرآباد مان ٿي مون کي ڏيکارڻ کانسواءِ شايع ڪري ڇڏيو. اُن ۾ منهنجي منظوم شاعريءَ ۾ ته هڪ سٽ به ترجمو نه آهي- جيئن منهنجي ڪل ٣٠، ٥٠ هزار سٽن ۾ هڪ اڌ بيت يا نظم کان سواءِ ڪو ترجمو ٿيل نه آهي، پر اُن هڪ اڌ بيت يا نظم جو به مون اُنهن ساڳين ڪتابن ۾ هنڌ هنڌ اعتراف ڪيو آهي. ڪتاب "واٽون ڦلن ڇانئيون" ۾ به اِئين ڪجھ سٽن ۾ منهنجي نوٽبڪن جا اهڙا ترجما اچي ويا آهن.

مان اها وضاحت پڙهندڙن جي ڏيان تي آڻڻ چاهيان ٿو.

شيخ اياز

ڪراچي
١٥ آگسٽ، ١٩٩١ع

# ثكرا ثثل صليب جا

## ڳالهيون

شيخ اياز جا ڪيترا ئي نوٽ بُڪ آهن، جن ۾ هن جي مطالعي ۽ مشاهدي جا نوٽ ورتل آهن، جن مان اڪثر نثري نظم جي صورت ۾ آهن. اهڙا ڪجھ نثري نظم اڳ "پتڻ تو پور ڪري" ۾ ڇپجي چڪا آهن، ۽ ڪجھ هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن. انهن مان ڪن ٽڪرن کي مجموعي تاثر نظم جو آهي، ۽ ڪي هن جي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جو نهايت مختصر لفظن ۾ نچوڙ آهن.

"پتڻ تو پور ڪري" ۽ "ٽڪرا ٽڪرا صليب جا" کان سواءِ، پابند شاعري جا ٻه مجموعا، "پن ڇڻ پڄاڻا" ۽ "واٽون ڦلن ڇانئيون" ۽ آتم ڪهاڻي، "جڳ مڙيوئي سپنو" جيڪي هن جي گذريل پنجن سالن جي تخليق آهن، سي پڻ جلد ڇپجي پڌرا ٿي رهيا آهن.

زيب سنڌي

٢٧-١٠-٨٤ع

# نثري نظم

●

تمر ڀِهريون پيرو پِٽائيءَ کي چيو تہ "سائين! پير هيڏانهن ڪيو تہ مان اوهان کي جتي پارايان!"
پوءِ هن پِٽائيءَ جي جتيءَ جو هڪ پادر ڪنيو تہ هن جي ٻانهن مان ٽاٽ اُڀري وئي.
"سائين، ايڏي ڳوري جتي!" تمر رڙ ڪري چيو.
"تمر! اِن جي پاتاون ۾ منهنجو ورهين جو ٿڪ بہ تہ آهي"، پِٽائيءَ جواب ڏنو.

****

●

"جُهڙاليءَ سانجهيءَ ۾
"سورج مُکي
"پنهنجي شفق ٻاهي رهيو آهي"-
هي جپاني هائيڪو آهي
يا منهنجي موجوده شاعريءَ تي تبصرو آهي!

****

●

مون پنهنجون اکيون پوري
ساريءَ دنيا تي در ٻوٽي ڇڏيا؛
پوءِ مون هن جي چُنيءَ کي ڇڪ ڏني تہ هوءَ
سسئيءَ وانگر ڏرتيءَ مان ٻاهر نڪري آئي.
هوءَ اڳي وانگر اڇي اُجري هئي
۽ منهنجي آغوش لاءِ اُتاولي هُئي.
مون هن ڏانهن ٻانهون وڌايون تہ هُن منهنجي من کي
ويڙهي سيڙهي ڇيو،
"ترس، کُنيي تيار آهي،
هِي بہ اُن ۾ وجهي اچان!"

****

●

توسان گڏ گذاريل چار سال شفتالن جي
ڇِڱن وڻن وانگر آهن جن ۾ پڪل، رس سان
ڀريلَ، هڪ سوَ ٻيانوي شفتالو- هفتا لڙي
رهيا آهن؛
اهي وڻ اڄا تائين مون تي ڇانو ڪيو بيٺا آهن،
۽ مان جڏهن ٻہ چاهيان ٿو،
اُنهن مان شفتالو ڇني وٺان ٿو،
پر جڏهن مان ٻئي ڪنهن ڏيان ۾ آهيان ۽ مون کان
انهن وڻن جو وجود وسري وڃي ٿو،
تڏهن اوچتو انهن وڻن مان ڪوئي پڪل شفتالو منهنجي
اڳيان اچي ڪري ٿو،
۽ مون کي تنهنجي ٻُڪ لڳي ٿي.

****

●

هن مون سان پيار جو اظهار ڪرڻ چاهيو ٿي
پر ڪري نہ سگهي،
۽ مون ڏانهن ڪا دير ڏسندي رهي؛
۽ جڏهن ڳالهايائين تڏهن ائين لڳو
ڄڻ هن جي چپ چِتونءَ جي ڇهنب وانگر
ڪنهن گرم انجير کي ٽُڪي رهي هئي.

****

●

بہ آئينا هڪٻئي جو سامهون آهن
۽ ٻنهي ۾ هڪٻئي جو عڪس آهي
۽ عڪس تي عڪس، جو ڪٿي بہ نہ ٿو ڳٽي،
۽ جيڪي هڪ ڏسي رهيو آهي،
سو ٻيو بہ ڏسي رهيو آهي.
پاسي هٽي بيهہ!
تون اُنهن جي وچ ۾ ڇو ٿو اچين؟
جي اُهي عڪس ٽٽي ويا تہ توکي ڇا ملندو؟

****

●

مون هوريان چيو، "منهنجي مايا! مون سمجهو هو تہ
مان تو مان بہ مُکت ٿي چُکو آهيان."
"مان تنهنجي مُٺي کان پوءِ بہ توسان هوندس،"
شاعريءَ مرڪندي چيو، "تون مون ۾ جيئرو رهندين."

****

●

"شاهہ لطيف ڪير آهي؟"
"شاهہ لطيف شاهہ لطيف آهي."
"شيخ اياز ڪير آهي؟"
"شيخ اياز شيخ اياز آهي."
"شاعري ڇا آهي؟"
"شاعري شاعري آهي."

****

●

هو نوجوان هو ۽ انقلاب سان هن جي عشق جي شروعات هئي. مان حيدرآباد ۾ هوٽل "اورئينٽ" ۾ وينو هوس، تہ هو اوچتو مون ڏانهن آيو ۽ مون کي ڪيڪر ڪري منهنجي پرسان ڪُرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪُرسي تي ويهڻ کان اڳ هن نٽ هئمسن جو ڪتاب "هنگر" (بُک) ور مان ڪيڏي ميز تي رکيو، ۽ اُنهي اداڪار وانگر، جنهن کي پوري ناٽڪ ۾ فقط هڪ ئي جملو چوڻو هوندو آهي، يڪدم چيائين، "اڄ ئي خريد ڪيو اٿم، اڃان پڙهي نہ سگهيو آهيان." اِن تي مون هُن کي ٻڌايو تہ لينن ۽ هن جي زال ڪروپسڪيا شاديءَ کان پوءِ ٻيڙيءَ ۾ سير ڪري رهيا ها تہ ڳالهيون ڪندي، لينن چيو، "نٽ هئمسن جو ناول 'بُک' مون کي ڏاڍو وڻندو آهي." ان تي ڪروپسڪيا چيو، "پر نٽ هئمسن تہ ڪيترائي ناول لکيا آهن، توکي فقط 'بُک' ڇو وڻندو آهي؟" جنهن تي لينن چڙي جواب ڏنو، "ائين ڇو آهي تہ توکي نٽ هئمسن جا ٻيا سڀ ناول وڻندا آهن، رڳو 'بُک' ئي نہ وڻندو آهي؟"

هن مٿيون ٽـوٽڪو ڀُـڏي، وڏي زور سان ٽهـڪ ڏنـو ۽ چيائين، "اَڇا، ڪامريڊ ائين چيو؟" هن لفظ 'ڪامريڊ' ايتريءَ اُڪير ۽ گهرائپ سان چيو ڄڻ ڪالهه هو لينن سان گڏ ساڳئي سماوار مان چاءِ پي آيو هو.

پرسان ٻيءَ ميز تي ٻه سي، آءِ، ڊي وارا ويٺا ها ۽ اُنهن جا ڪن ائين لڳي رهيا ها، جيئن شبِ برات جا ڏيئا ٻرندا آهن.

****

●

آسمان مان چنڊ تپرس مان ڏسي رهيو آهي، ڏرتيءَ تي هيمون ڪالاٽي ريل جا پٽا اُکيڙي رهيو آهي، ۽ پڪڙ سان پيچ ڪيي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو آهي؛ هن جي سيني ۾ هن جي دل ريل وانگر ڇِڪ ڇِڪ ڪري رهي آهي، ”نيٺ تہ ايندي، نيٺ تہ ايندي، نيٺ تہ ايندي، آزادي، آزادي، آزادي ....“

۽ ڪنهن اڻ-ڇاتل، اڻ-ڏٺل هٿ ۾ بہ ڪائي پڪڙ آهي، جا هيمونءَ جي زندگيءَ جا پٽا اُکيڙي رهي آهي؛

اُن هٿ کي ڪوئي اُلڪو نہ آهي، ڇو تہ اُن سان سدائين ساٿ رهيو آهي ڪنهن اک جو، جا هر شيءِ کي ڏسندي رهندي آهي ۽ جنهن کان ڪائي ڇُرپُر ڳجهي نہ رهندي آهي؛

۽ اُتر جي واءُ ۾ ڪائي اڻ-ٻڌل صدا آهي-”اِئي، اِئي، اِئي آهي، آئي، آئي، آئي آهي، آزادي، آزادي، آزا--دي --“ ڪائي زندگيءَ جي ريل هميشہ لاءِ پليٽ فارم تي بيهجي وڃي ٿي.

****

* "تو وان گوگ جو نالو ٻڌو آهي؟"

"نہ"

** "نجنسکيءَ جو نالو ٻڌو آهي؟"

"نہ"

"نذرالاسلام جو نالو ٻڌو اٿِي؟"

"هائو"

"جاهل قوم جي جاهل اولاد! مان بہ اُنهيءَ سرحد تي پهچي چڪو آهيان جا نذرالاسلامُ ٽپي ويو هو: رڳو ڪائي ازلي طاقت اُنهيءَ سرحد کي پار ڪرڻ کان منهنجن پيرن کي روڪي رهي آهي."

****

---

* وان گوگ- ڊچ مصور جنهن خودڪشي ڪئي هئي.

** نجنسڪي- روس جو جلاوطن رقاص، جو ديوانو ٿي پيو هو. "نجنسڪيءَ جي ڊائري" هڪ مشهور ڪتاب آهي، جو هن ديوانگيءَ جي عالم ۾ لکيو هو.

**1**

(پي- ايل- او جو گيت)

اسان اُتي موٽي وڃڻ چاهيون ٿا
جتي ساريون، اُنهن جا سنگ، اُنهن جا تيلا،
اُنهن جون ٿُلهيون اسان جي ٻولي ڄاڻن ٿيون؛
جتي سياري جي اُس ۾ وينل ٻڪ اسان جي ٻوليءَ ۾
سجاتا وڃن ٿا؛
اسان اُتي موٽي وڃڻ چاهيون ٿا
جتي پيهي جي ڪانپاٽي اسان جي ٻوليءَ ۾ جهار هڪلي
ٿي؛
جتي پهاڙ تي سَرَهَ اسان جي ٻوليءَ ۾ شڪار ٿين ٿا
۽ جتي سمنڊ ۾ سانا اسان جي ٻوليءَ ۾ ڦاسايا وڃن ٿا؛
اسان اُتي موٽي وڃڻ چاهيون ٿا
جتي شهرن جا رستا، وڏا هال، ڪُتب خانا،
ريلون، هوائي جهاز، سيني نالا اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪنيا
وڃن؛
اڄ اُتي ڪارخانن جي چمنين مان دونهون ائين
نڪري رهيو آهي، جيئن گونگا رڙيون ڪندا آهن:

هر انسان جا ٻہ گهر ٿيندا آهن-
هڪ اندريون گهر ۽ ٻيو ٻاهريون گهر-
ٻاهريون گهر اندرئين گهر کان سوا پالهو لڳندو آهي
۽ اندريون گهر ٻاهرئين گهر کان سوا مينهن ۽ اُس ۾ پڇي
پُري ويندو آهي.
اسان پنهنجو اندريون گهر تہ پاڻ سان کڻي
آيا آهيون، پر هاڻي اُهو پڇي پري رهيو آهي،
۽ اسان اُن کي پنهنجي ٻاهرئين گهر ۾ موٽائڻ چاهيون ٿا.
اسان جي ماٽيلي ماءُ جنهن اسان کي گهر نيڪالي
ڏني هئي، نيٺ تہ مرڻي آهي؛
اسان اُن جي موت جي انتظار ۾ آهيون، ڇو تہ
اُن کان پوءِ ئي اسان پنهنجي گهر موٽي سگهون ٿا.

****

●

جوش مليح آبادي هڪ پوربي لوڪ گيت جي سٽ
'نيم ڪي نمڪولي پڪي، ساون آيا ري' جهونگارِي،
تہ هن جون اکيون پرجي آيون.
مان پانيان تہ ڌرتيءَ جا سارا موتي اُنهن ڳوڙهن
جي قيمت ادا ڪري نہ سگهندا- ڳوڙها جي
هو پي ويو ۽ هِن ڌرتيءَ تي ڪرڻ نہ ڏنائين.

****

●

اڄ رات جو، مرادَ قيد جي ڪٽڪيءَ مان
گواليار جي شهر کي ڏٺو.
اونده گواليار تي اورنگزيب وانگر ڇانيل هئي
۽ ايڪڙ ٻيڪڙ گهرن ۾ ٻرندڙ ڏيئا
ملڪ الموت جي اکين وانگر ٽمڪي رهيا ها.
مُراد پرسان رکيل آفيم جي روڙي ڏانهن
ڏسي سوچيو، "دارا وٽ تہ آفيم بہ ڪونہ
هو، هن موت کي منهن ڪيئن ڏنو هوندو!"

****

●

سولزي نِسن!
پنهنجي برادري ڪيتري نہ مختصر آهي!
گهڻا اديب تنهنجي اها تعجب جي نشاني
سمجهي سگهن ٿا تہ-
"ڇا شڪاري ڪُتا صحيح آهن، آدم خور غلط آهن."
۽ تنهنجي اها تشبيهہ سمجهي سگهن ٿا تہ-
"انساني فطرت ۾ ڦيرو ڏرتيءَ جي طبيعاتي چهري ۾ ڦيري
ڪان زياده تيزيءَ سان نہ ايندو آهي."

****

●

ڀڻائي مونن ۾ منهن وجهي وينو هو ته گيڙوءَ رتو آڏوتيءَ هن جي ڀرسان اچي ويٺو ۽ هن کي سڏيائين، پر ڀڻائيءَ نه منهن مونن مان ڪڍيو ۽ نه هن کي وراڻي ڏنائين. اُن تي آڏوتيءَ چيو، "ڪَوي! مندر جو گهنٽ لاهي پٽ تي اونڌو ڪري رکيو آهي، ته وڄائڻ سان به اُن مان آواز نه نڪرندو آهي. جي منهنجو چت اهڙي اونڌي رکيل گهنٽ وانگر انتر-مُک ٿي وڃي ها، ته اُها منهنجي نرواڻ جي نشاني چئي سگهجي ها، پر تون ته ڪوي آهين، تنهنجو چت ته اُنهيءَ گهنٽ وانگر آهي، جو هوا ۾ لوڏي وڄائبو آهي ۽ جنهن جي سڏ تي پوڄاري اچي ڪنا ٿيندا آهن. تنهنجي نرواڻ ته اِن ۾ آهي ته تون وڄندو رهين، وارون وار وڄندو رهين، دَسان دَس سڏيندو رهين! اهو ڄاڻي ڇڏ ته مَوَن ورت ڌارڻ سان ڪَوي مُني نه ٿيندو آهي."

****

●

مان روز نوان پيرا ڪٽي رهيو آهيان جي سمنڊ
ڏانهن وڃن ٿا ۽ موٽن نہ ٿا.
صدين کان اُهي پيرا سمنڊ ڏانهن وڃي رهيا آهن،
سمنڊ، جو اٿاهہ آهي،
اگهور آهي، اننت آهي.
ڪي پيرا واريءَ تان ڊهي ويا آهن،
ڪي پهاڙين تان پهتا آهن،
ڪِن جا رڳو پَـہ ڏسي، ائين محسوس ٿيو آهي تہ
اُهي تيزيءَ سان پَڄندا ويا آهن،
ڪِن ڪُڙيون ڪوڙي سمنڊ ڏانهن ڏنو آهي
پر ڪائي اَجهل ڇڪ اُنهن کي بہ واريءَ تان
وير ڏانهن ڇڪي وئي آهي،
جنهن تي ڪنهن جو پيرو لڳي نہ ٿو سگهي
۽ نہ جنهن کي ڪوئي پيراڊو پيهي سگهيو آهي.

****

●

تو جنهن بار بار مون کي جهپي ورتو آهي
۽ مون کي اک لاهڻو به لڳڻ نه ڏنو آهي،
اڃا مون مان کهڙو ڪم وٺڻ ٿو چاهين؟
تون وري ڪنگور جي ڪانيءَ ۾ سل ڪيڏي رهيو آهين!
ڇا تون چاهين ٿو ته اهو نڙ به مان وڃايان؟
مان ته ڳل ٺوڪي ٺوڪي ٿڪجي پيو آهيان،
۽ منهنجي نڙي ڏکي رهي آهي،
ڄاڻٺهار! اِها امانت ڀلي ڪنهن کي سپرد ڪرين ته چڱو!
مان ٿڪجي پيو آهيان،
مون کي ننڊ اچي رهي آهي،
ڏاڍي ننڊ اچي رهي آهي.

****

●

هو سالن کان پوءِ آيو ۽ اچي منهنجي گهر جو در کڙڪايائين.

مون هن کي چيو، "اڄوڪي رات مون کي يهودي ڪهاڻي ڪار 'سنگر' سان ڪچهري ڪرڻي آهي، مان هن جا سڀ ڪتاب وني آيو آهيان. اڄ رات مان واندو نہ آهيان."

"مان تنهنجو دوست آهيان، 'سنگر' تنهنجو دوست تہ نہ آهي!" هن شڪايت ڪئي.

مون هن ڏانهن چتائي ڏٺو ۽ سوچيو تہ ڇا واقعي هي منهنجو دوست آهي.؟ ڇا هن ديس ۾ مون کي ڪوئي دوست بہ آهي؟ ڇا هن ديس ۾ منهنجو ڪوئي دوست ٿي سگهي ٿو؟"

"نہ"، مون چيو، "مون 'سنگر' کي وقت ڏنو آهي. هو برابر منهنجو دوست نہ آهي، پر ممڪن آهي تہ اڄ رات جي ڪچهريءَ کان پوءِ هو منهنجو دوست نڪري پوي."

****

---

* سنگر - (Issac Bashevis Singer) جنهن کي 1978ع ۾ عالمي ادبي انعام نوبل پرائيز مليو.

●

ننڍي هوندي کان مان آرتوار ڏينهن شڪارپور جي ڪاٺ منڊيءَ وٽان ٻہ ٽي چڪر ڏيندو هوس ۽ ڪافي وقت ترسي واڍن کي ڪرٽ سان ڪاٺ جا تختا چيريندو ڏسندو هوس، ۽ ڪاٺ جو هر تختو مون کي ذڪريا وانگر چيربو نظر ايندو هو. هڪ ڏينهن ڏاڍو مينهن وسي رهيو هو ۽ اُن ڪري واڍا اڌ چيريل تختا ٻاهر رستي تي ڇڏي، اندر پنهنجن دڪانن ۾ وڃي لڪا هئا. ٽالهيءَ ۽ ساڳ جي چيريل تختن جو ٻورو چوڌاري ڦهليل هو، جو مينهن ۾ پسجي، هڪ انوکي، مدهوش ڪندڙ خوشبو ڏيئي رهيو هو. مون کي مينهن ۾ پسجندو ڏسي، هڪ پوڙهي واڍي دڪان مان رڙ ڪري چيو، "ڇورا ٿڏي مينهن ۾ مرندين، پسجي وڃ!"

اوچتو منهنجو ڌيان پوڙهي واڍي ڏانهن ويو ۽ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ موت هن جي پنيان ڪرٽ جهلي بيٺو هــو مون افسوس سان سوچيو تہ مرڻ کان پوءِ هن جي بدن جو ٻورو، مينهن ۾ پسجي، ٽالهيءَ يا ساڳ جي ٻوري جهڙي خوشبو ڪانہ ڏيندو!"

****

●

مان سنڌيءَ جي چوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس، تہ هڪ ڏينهن اسڪول جي هيڊ ماستر سيني شاگردن کي چيو تہ جيڪو شاگرد مختلف پکين جا گهٽي ۾ گهٽا پر ڪٺا ڪري، ٽڙڪي تي چنبڙائي، پرن هيٺان پکين جا نالا لکي ايندو، اُن کي انعام ڏنو ويندو. ان ڪري مان ڪجھ ڏينهن شڪارپور جا باغ ڇڪاريندو وتيو هوس ۽ طوطن، ڪبوترن، هيڙهن، هدهدن، چيهن، ڪاٺ ڪٽن وغيره جا ڪيئي رنگا رنگ پر ڪٺا ڪيا هيم. اهي پر ڳوليندي مون کي بار بار خيال ايندو هو تہ اُهي پکي جن جا اهي پر آهن. پنهنجون ٻولڙيون ٻولي، ڪيڏانهن اُڏامي ويا؟

هاڻي ان کي پنجاھ سال گذري چُڪا آهن. پر مان ٻانيان ٿو تہ اُهي پکي اجان تائين پنهنجون ٻولڙيون ٻولن ٿا، ڪنهن ٻئي وقت ۾ ٻولن ٿا، رڳو مان اُنهن کي ٻڌي نہ ٿو سگهان.

****

●

ديوان منهنجو پراڻو دوست هو. ڪجھ ڏينهن ٿيا تہ هن جي دل اوچتو بيهجي ويئي ۽ هو مري ويو. هو مون سان شڪارپور جي هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهندو هو. هن جو پيءُ نارٿ ويسٽرن ريلوي ۾ ملازم هو ۽ شڪارپور ريلوي اسٽيشن جي ڀرسان ڪنهن ڪوارٽر ۾ رهندو هو. اونهاري ۾ اسان اسڪول مان نڪري ڀرسان ريلوي اسٽيشن تي ويندا هُياسين تہ هو اسان کي فرسٽ ڪلاس مسافرن جي ويٽنگ روم ۾ هلي ويهاريندو هيو ۽ گرميءَ ۾ ڇت جو پکو هلائي، اسان کي ريلوي ۽ پيءُ جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌائيندو هيو. هو بار بار پنهنجي پيءُ. جي اها نصيحت دهرائيندو هو تہ 'هلنديءَ ريل گاڏيءَ مان ٽپو ڏيئي لهڻ چڱو نہ ٿيندو آهي.'

ڪالھ مان ديوان جي پٽ وٽ پرچاڻيءَ لاءِ ويس. ڀرسان ميز تي ديوان جو فوٽو رکيو هو جنهن جي چپن تي مونالیزا جهڙي پراسرار مُرڪ هئي. منهنجين اکين هن جي اکين کي چيو، "ديوان، تون تہ چوندو هئين تہ هلنديءَ ريل گاڏيءَ مان ٽپو ڏيئي لهڻ چڱو نہ ٿيندو آهي!"

هن جي اکين مرڪندي وراڻيو، "زندگيءَ جي ريل گاڏيءَ جي ڪائي اسٽيشن نہ هوندي آهي. جنهن جاءِ تي تون اُن مان ٽپو ڏئي لهي پئين، اُها جاءِ ئي تنهنجي اسٽيشن آهي."

****

●

جڏِهن فقيرياڻي ريڙهيون پائيندي، منّيءَ تي
هٿن سان ڇُر ڪيندي، وڃي رهي آهي.
هوءَ جڏهن جاڳي هئي ۽ ساري عمر ساڳيءَ ريت
منّيءَ جي چادر ڇُريندي رهي آهي.
۽ جڏهن هوءَ مري ويندي، تڏهن هن تي ڌرتي
مِٽيءَ جي لسي، اڻ ڇُري چادر وجهي
ڇڏيندي.
اِها بہ زندگي آهي!
اِهو بہ موت آهي!

****

●

اديب جي سماج سان ذميداريءَ جي ڳالهہ
ڇڏ، سماج جي اديب سان ذميداريءَ جي
ڳالهہ ڪر!
اديب سماج کان وڌيڪ پاينده آهي،
وڌيڪ تابنده آهي، وڌيڪ زنده آهي.

****

●

للي پٽ ۾ گليور ٽيڙ جهڙي ٻي ڪائي
بدبختي نہ آهي.

****

●

قريب المرگ شاعر پنهنجو پوئيون شعر لکيو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ هن وسڪيءَ جي خالي بوتل ۾ تيلي اُڇلي هئي، ۽ ڇاڪاڻ جو وسڪيءَ ۾ ملاوٽ نہ هئي، بوتل ڀڙڪو ڪائي وسامي رهي هئي.

****

●

مان ڏسي رهيو آهيان
اُهي ڪٽنبد جي سُڪي ويا آهن ،
۽ اُهي چاتو
جن جا ڦر منهنجي رت ۾ ٻڏي،
خونخوار درندن جي زبانن وانگر لڳي رهيا ها،
۽ اُهي هٿ
جي، انهن چاتن ڪي پنهنجي ايمان وانگر سوگهو جهلي بيٺا ها،
۽ پنهنجا اُهي زخم
جن جا وات
اهو ڏسي حيرت ۾ ڦاٽي ويا ها
تہ انسان اهڙا خونخوار درندا بہ ٿي سگهندا آهن!
تہ انسانن جون رت- پياڪ نظرون
خونخوار چاتن وانگر چمڪنديون آهن!
تہ انسانن ۽ درندن ۾ ڪوئي فرق نہ آهي!
۽ درندن جا ڏند ۽ ننهن انسانن جي خونخوار چاتن کان وڌيڪ تيز نہ هوندا آهن.
تہ زخم ڳاڙها آئينا ٿيندا آهن!

جن ۾ انساني انبوهه جي صورت،
بگهڙن جي ٽولي کان وڌيڪ خطرناڪ لڳندي آهي،
وڌيڪ خطرناڪ ڏند ڪرٽيندي آهي،
وڌيڪ خطرناڪ اوناڙون ڪندي آهي،
اوناڙون جي آسمان ڏانهن اُماڙين وانگر اُڏامنديون آهن،
۽ ستارا حيران ٿي سوچيندا آهن
ته قابيل ۾ اُهي ڪهڙا ازلي درندا هيا
جن کي هابيل جي خون جي پياس هئي،
پياس جا اڃا نه ٻجهي هئي،
پياس، جنهن جون هزارين زبانون
ڇپن مان نه،
ڇاتن جي ڳنن مان نڪري اچن ٿيون،
۽ جن جي سار
انهن ڪٽنبن جا اوڇڻ هنائي منهنجي من ۾ جاڳي پئي
آهي-
ڪٽنب، جي هاٺي سُکي
منهنجي من تان لهي رهيا آهن.

****

●

تو وٽ رڳو غصوئي تہ آهي
رڳو اکين ۾ وهہ جون وٿيون ئي تہ آهن،
رڳو ڪوڙيون نظرون ئي تہ آهن
جي ڪاريهرن وانگر ڦُڪاري رهيون آهن،
رڳو ڪرٽيل ڏند ۽ پيڪوڙيل مُٺيون ئي تہ آهن،
۽ تقدير تنهنجين لوُنڊڙين تي
گوليون تاڙيون بيٺي آهي،
۽ تدبير واٽڙي تي وِئي آهي
۽ پت جي اوٽ ڏيئي تنهنجي غصي کي ڏسي رهي آهي،
غصو،
جنهن جو بارود
رڳو ترڪي ئي اُڏائي سگهندو آهي.

****

●

اي شاعري!
مان توکان ڇرڪان ٿو
توکي ڇڏي به نه ٿو سگهان!
تون جا وش ڪنيا آهين،
ياڳَ
منهنجو موت
تنهنجي ياڪر ۾ لکيو آهي.

****

●

ڏنڊ جا پکي کهڙيءَ پر ٿا هجن، ڏونڊ جي پکين کان چڱا ٿيندا آهن.

****

●

"تـون ڊي سيـڊ (De Sade) ۾ ڪئـسانـروا وانگر تـہ نـہ آهين، پر ڇا تـون روسـو وانگـر پنهنجا اعتراف لکي نہ ٿو سگهين"، منهنجي دوست پڇيو.

"ڪجهہ محققن لاءِ ڇڏڻ ٿـو چاهيـان"، مـون جـواب ڏنـو، خسروءَ جو دوهو آهي-

گوري سووي سيج پر منهہ پر ڊاري ڪيس

چل خسرو گهر آپني سانجهہ بهئي چؤنديس-

اڃا تائين اِن تي تحقيق ٿي رهي آهي تہ اِها منهن تي ڪيس وجهي، سيج تي ڪير ستل هئي؟

ڪهڙي شهر جي هُئي ؟

منهنجي باري ۾ بہ ڪيئي سال تحقيق ٿيندي تہ هوءَ ڪير هئي؟

هُن جا ڪهڙا نالا هُيا؟

گوري چٽي هئي؟ ڪڻڪ ونې هئي؟ سانوري سلوٽي هئي؟ مسلمان هئي؟ هندو هئي، ڪرستان هئي، لامذهب هُئي؟

پل تہ مون کان پوءِ اِن تي تحقيق ٿئي،

ڳالهہ هيمنگ وي جي ڪهاڻيءَ 'ڪلمنجاور جي

برف' ڪان گهٽي لنبي چوڙي آهي.
۽ ڪالهہ ڪان آسمان ۾ ڳجهون لمي رهيون آهن
۽ هاتارِ ڏرتي سنگهي رهيا آهن،
۽ مون ڪي ايترو وقت نہ آهي تہ ايتريون ساريون ڪهاڻيون
لکي سگهان."

****

●

ڏس، هو چنڊ سرنهن جي وڻ تي تنهنجو دعوت نامو رکي،
وڃي رهيو آهي.
۽ مان پوئين اسر جو اُٿي تماچيءَ وانگر تُنهنجي در تي آيو
آهيان؛
باک تنهنجن چپن تي مرڪ وانگر اُڀري آئي آهي،
۽ سچ
نوريءَ جي ڪاريءَ ۽ تماچيءَ جي دل وانگر ڦٽڪي رهيو
آهي؛
۽ ڄام شوري جا وڻ
ڪينجهر جي هندوري وانگر لُڏي رهيا آهن-
۽ مان سوچان ٿو
تہ مان، جو تماچي بہ آهيان،
پنّهي بہ آهيان،
مون کي تنهنجيءَ پريم ڪهاڻيءَ کي امر ڪرڻو آهي،
پنهنجي جيئري امر ڪرڻو آهي.

****

●

"ڇا شاعر انقلابيءَ کان وڌيڪ اهم آهي؟"

"هائو، جي هو واقعي شاعر آهي"

"اهو ڪيئن؟"

"هر احمق دنيا کي دوُن ۾ نوُنشو نڪاءُ ڪري سگهندو آهي، سنو شعر لکي نہ سگهندو آهي."

****

●

مينهن بس ٽي ويو ۽ سج جا پوريان شعاع ٽُورٽي جي ڪيت تي پوڙ لڳا ۽ مون لکيو سونهري اکرن ۾ ڌرتيءَ سان معاهدو، جنهن ۾ معياد جو ڪوئي فقرو نہ آهي.

****

●

## (مَنوءَ جي ياد)*

نِنڍيءَ عمر ۾ ئي شاعريءَ مون کي ڳولي لڌو: اُها ڪنهن گلاب جي گل مان خوشبوءَ وانگر آئي،
ڪنهن جل پريءَ وانگر چنڊ جي ٽُرهي تي ترندي آئي،ڏڪڻ جي هير مان رابيل جي سڳنڌ تي سوار آئي،
اونهاري ۾ وهندڙ واهه تي نم يا سرنهن جي ڇايا مان نڪري آئي.
۽ جنهن وقت مون هن کي پهريون پيرو ڏٺو هيو،
هوءَ ڪنهن پينوءَ کي اٽي لپ ڏيئي رهي هئي،
هاٿيدر جي اندران گهٽيءَ ۾،
ساميءَ جي پاڙي جي ڀي پاسي.

****

---

* منّو مصنف جي ڪلاس فيلو هُئي، جا شڪارپور ۾ هاٿيدر اندران ڪاري نهائين لڳ رهندي هئي ۽ جنهن مصنف جي شاعريءَ تي پنهنجي امر ڇاپ ڇڏي آهي.

●

هي ڳوٺ جنهن کي نه رلي آهي نه گبري
جنهن جا ڳوڙها ڳريءَ ۾ سُڪي وڃن ٿا
۽ جنهن ۾ دليون ائين پيچي ٿي ڪن ٿا،
جيئن ٻار مٽيءَ جا رانديڪا پيچي ٿي ڪندا آهن-
هڪ رات
لوڪَ سُتي
هن ڳوٺ کي پاڻيندڙ پائي ويندي.

****

●

ڪُتو اصحاب ڪُهف سان رهندو ته ڇا
پڻنڪڻ ڇڏي ڏيندو؟

****

●

ڇار مان جيتري هوا ڦٽڪندڙ مچين کي ملندي آهي، مون کي ته اوتري به ساهه کڻڻ جي وٿي نه آهي.

****

"تو سگريٽ ڇو ڇڏيو آهي؟" هن پڇيو.

"بس ائين ئي؛ سگريٽ جي بوءِ منهن ۾ چڱي نہ ٿي لڳي." مون جواب ڏنو.

"ائين تہ نہ آهي. مون کي تنهنجي منهن ۾ تماڪوءَ جي خوشبو وڻندي هئي،" هن چيو، "جنهن وقت تون دکندڙ سگريٽ منهنجي ائش ٽري ۾ رکندو هئين ۽ اهو ٻرندو رهندو هو ۽ ان مان نڪرندڙ دونهين جي لاٽ منهنجين چوٽين وانگر لڳندي هئي جن کي تون پنهنجين آڱرين تي وٽيندو هئين، تنهن وقت مون کي سگريٽ عشق جي علامت لڳندو هو، جو ٻري ٻري انت رک ٿي وڃڻو آهي. جڏهن سگريٽ جو دونهون پريون وراڪو ڏيئي، منهنجي منهن کي ويڙهي ويندو هو، تڏهن مان توکي چمي ڏئي، تماڪوءَ جي خوشبوءَ ۽ تنهنجي ذوق جو داد ڏيندي هيس. اڄ تون ڪيتريءَ مدت کان پوءِ آيو آهين؛ مان تماڪوءَ کي تنهنجن چپن مان چکڻ ٿي چاهيان جيئن منهنجو روح وري سگريٽ وانگر ٻري پوي، ۽ جيستائين اهو ٿڌو ساهہ کڻي ائش ٽري ۾ رک وانگر وسامي وڃي، تنهنجيءَ پوئين چميءَ جو دونهون منهنجي ساهہ ۾ رهي!"

****

●

هي وڻ اڃا تائين منهنجا مٽ آهن،
مان پپل کي پنهنجو ڀاءُ ۽ نم کي پنهنجي ڀيڻ سمجهندو آهيان،
۽ سنتو اسان سيني جي ماءُ آهي،
۽ اُن تي اُيرنڊڙ سج ۽ چنڊ منهنجا ماروٽ ئي تہ آهن،
۽ هي پوڙهو سنسار منهنجو مامو ئي تہ آهي،
پر هي ماڻهو منهنجا مٽ نہ آهن
مان پنهنجا مٽ ڀليءَ ڀت سڃاڻان
هي منهنجي ٻولي تہ ڳالهائن ٿا پر منهنجا مٽ نہ آهن،
منهنجا مٽ ماڻهو تہ پنڌ ۾ آهن، پنڌ ۾ آهن،
پنڌ ۾ آهن.

****

●

گلاب جي مکڙي چپ کولي پڇيو، "ڪٿان ٿو اچين؟"
"اُتان جتان ماک آئي آهي"، ماڌو لال حسين جواب ڏنو.
"ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" مُکڙي وري پڇيو.
"تيڏانهن جيڏانهن ماک وڃي آهي"، ماڌو لال حسين جواب ڏنو.

****

اُڙيا ڀور هوا پرديسي جون موتي شبنم دا-
(ماڌو لال حسين)

****

●

شعر وادب جي تاريخ ۾ انگورن کي لتاڙي شراب ناهيندي آهي.

****

●

ٻ هو جي افق جي پار هليا ويا ٻ آسمان ۾ اچي ڪنبٽي ڇڏي ويا.

****

●

ڇا اهڙو ڪوئي محقق آهي، جو پوپٽ جو پيرو
کڻي ٻڌائي سگهي ته اُن جي زندگيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا گل آيا!

****

●

سنڌو آرهڙ جي سج ۾ چمڪي رهي آهي يا ڪوئي ڪپر نانگ پنهنجي ڪل لاهي اڇو اُجرو لڳي رهيو آهي!

****

●

ڇڄ پُٽ سيلاٽچ جا! دنيا ۾ جيڪي ذهين ترين انسان ساڳئي وقت ذليل ترين انسان به ٿيا آهن، اُنهن مان هڪ تون به هئين. اڄ تائين مان تنهنجي ذلالت جو ڪيتو ڏيئي رهيو آهيان!

****

●

لومڙ ڪي واگهه جا ننهَن ڏي ته هو تنهنجون اکيون ڪڍي وجهندو.

****

●

جڏهن ساڳئي شخص ۾ ميڪاولي ۽ ڊان ڪئگزوٽ سان مُندو اَنڪائيندو آهي، تڏهن هئمليٽ جو ظهور ٿيندو آهي، جو ٻنهي جو فيصلو ڪندو آهي.

****

●

ميراجي! ڇا چنڊ وهندڙ درياهه کان وڌيڪ پُراسرار ڳُجهه
لڳندو آهي؟

****

●

الوداع! تون پروون ڇا لاءِ گهنجائي رهيو آهين، ڏڪايل ڇو
ٿو لڳين؟ هن ڌرتيءَ تي موت ڪائي نئين ڳالهه ته نه آهي!
ها پر زندگيءَ ۾ به ته ڪائي نئين ڳالهه نه آهي!
مون پنهنجين ڇمين سان سون ورنيون ڪنواريون سورج
مکين وانگر ٽڙنديون ڏٺيون آهن؛ جنهن جنهن پڪيءَ ڪي
منهنجين اکين گليل وانگر ڇُنيو آهي، اُن اڳي ڪان به
وڌيڪ ڇهڇهايو آهي. مون ويساک جي باک ۾ پاسو ورائي
پنهنجي ياڪُر ڪي پريل ڏٺو آهي ۽ پنهنجي ڇاتيءَ تي
رکيل ڳاڙهن ڳلن تي سج اُڀرندو ڏٺو آهي.
الوداع! هر انسان ازلي مسافر آهي، هيءَ سراءِ هر ڪنهن ڪي
ڇڏڻي آهي، اُن جو سارو سامان اُڌارو آهي.
الوادع. اي هريون پريون ڪيتيون! جڏهن ڪٽڪ جا سنگ
هوا ۾ لڏندا آهن، تڏهين ائين لڳندو آهي ته هزارين هنس
ڪنڌ نوائي ڪنهن ڍنڍ ۾ ٽبيون هڻي رهيا آهن.

هن دنيا سان مون ڪيترو نه پيار ڪيو آهي، پنهنجي پوري
جسم سان ۽ پوري روح سان!
او، مان رهان يا نه رهان، شال سدائين ٽڙندا رهن املتاس
جا پيلا گل، ۽ گلَ مهر جا ڳاڙها گل، ۽
جڏهن نمن ۾ نموريون پچن ۽ سرنهن جا وڻ واس سان
واسجي وڃن ۽ ڏونرن سان ڀريل ڏار بربلين جي بار سان
جُهڪي پون،
شال ٻڪن ۾ هٿ ڀريل ۽ چپن تي چپ آلا رهن ۽ اکيون
اکين مان ڍاپي نه ڍاپن!
الوداع! اي تتي وارِي، مون جڏهن به توکي چميو آهي،
تومان پُسيءَ جا ڳاڙها گل ڦٽي پيا آهن!
الوداع! اي ٽڙ ٻاپيها! منهنجا گيت گواهه آهن ته مون سدائين
توسان تنهنجي اُڃ ورهائي آهي.
جيڪڏهن ڪوئي گل منهنجن پيرن هيٺان اچي چيڀاڻجي
ويو آهي ته مان اُن کان به معافي ٿو وٺان.
مان ته گاهه تي به اُچاترو گهميو آهيان جئن اُن کي به چيڀٽ
نه اچي.
مان ڄاڻان ٿو ته مون ڪوڙي جواريءَ وانگر پنهنجيءَ هار
جا داوَ لڳايا آهن،

پوءِ بہ اي ڌرتي مون تنهنجون جھوليون پنهنجن گيتن سان
ڀري ڇڏيون آهن.
ها، مون ڪي اجا ڪيئي گيت لکڻا ها، جي مان پنهنجين
اوٺاين ڪري لکي نہ سگهيو آهيان!
مان اجا تائين تنهنجو قرضي آهيان، ۽ تنهنجو رهيل قرض
تو ڪان بخشايان ٿو.
الوداع! الوداع! الوداع!
۽ ها منهنجيءَ مادريءَ زبان ۾ الوداع بدران 'سدائين ڳنڍ'
چئبو آهي.
سدائين ڳنڍ! سدائين ڳنڍ! سدائين ڳنڍ!

****

●

اوچتو ڪنهن ڀوائتي آواز تي منهنجي اک ٽُٽي ويئي. مون ڏٺو ته ڪاريهر منهنجي منهن جي سامهون ڦُڪاري رهيو هو. مون سوچيو ته جيڪڏهن مان پوَ ۾ اکيون ٻوٽيندس ته هو مون کي ساهوارو سمجهي ڪائيندو ۽ ان ڪري مان چپ ڪيان ته بي جان آهيان. منهنجو مٿو به پلنگ جو ڪوڙِي پائو آهي، ڪاٺ جو نهيل آهي، اُن ۾ ڪائِي ڇُر پر نه آهي، اُٽ تٽ نه آهي، آنڌ مانڌ نه آهي.

رات گُذرندي رهي، هو ڦُڪاريندو رهيو.

دل ۾ آيو ته هن کي ڌڪ هڻان، ڪاٽي ته ٻلي ڪاٽي، هيءَ ماٺ ته موت کان به بري آهي. پر ڪائي لٺ ويجهو نه ڏسي، مصلحت آڏو آئي ۽ مون اک نه چنيي:

مان ڀانيان ٿو ته منهنجا ڪليل نيڻ هن کي ٻن مٺل ڀونرن وانگر لڳا هوندا،

۽ منهنجا ٻوٽيل چپ هن کي مرجهايل گلن وانگر نظر آيا هوندا:

۽ نيٺ پرهه ٻاڪون ڪييون ۽ پکيڙا چون چون ڪرڻ لڳا ۽ هن جي ڦُڪار بند ٿي ويئي ۽ هو پٺ تي موٽي ويو.

****

●

جاڳُ! مون ۾ جاڳُ تہ مان محسوس ڪيان تہ اڃا تائين تو ۾ زندگيءَ جي رمق آهي؛
تہ تون هميشه لاءِ هماليہ تي برف وانگر منجمد نہ ٿي ويو آهين؛
تہ تون وري منهنجي من جي مانسروور ڪي پري سگهين ٿو ۽ سنڌو، گنگا ۽ برهم پترا وانگر ڇلانگ ڏيندو، ڇوليون ماريندو، گرجندو گونجندو سمنڊ ۾ ملي سگهين ٿو.
تون جو بلڪل خاموش ٿي ويو آهين، منهنجا گيت!
جاڳ! پنهنجين بي آواز بلنڊين تي،
جاڳ، ائين نظر نہ آءُ تہ تو ۾ زندگيءَ جي رمق نہ رهي آهي،
۽ تون ڪنهن گهري خواب ۾ الوٽ آهين،
خوابُ، جو اٽوٽ، ابدي آهي، هماليہ جي برفانيءَ چوٽيءَ وانگر منجمد آهي!

****

●

تو گرجا ڪير ٺر جي چوٽيءَ تي چو
ٺاهي آهي؟
ڪيڏا نہ وڏا گهنبذ آهن اُن جا!
پر اسين جي پٽ تي رهون ٿا.
تن ڪي رڳو اُنهن جي جهيڻي جهانءِ ئي ڪنن تي پوي ٿي،
۽ رڳو دور تان اسان اُن جا محراب ڏسون ٿا.
جن جي اوچائيءَ جو پورو اندازو بہ ڪري نہ ٿا سگهون،
۽ رڳو اهو ڄاڻون ٿا
تہ اهي گهنبذ اسان کي سڏي رهيا آهن،
ڏاڍو مٺي سڏي رهيا آهن،
ڳاٽي ٿوڙ اوچاين تي
جتي رڳو چڪور پڄي سگهندا آهن،
اُڏري،
چنبڊ جي تلاش ۾،
آڪاس جي اُنهيءَ ڏيئي جي تلاش ۾
جنهن کي ڪوئي واءُ وسائي نہ سگهندو آهي.

****

●

ڪالھ ڪنھن سَرھ ڪير ٽڙ جي ھڪ ڇپ تان ٻيءَ وڏيڪ اُتاھينءَ ڇپ تي ڇلانگ ڏنو: لسي، ترڪڻي پٿر تي ھن جا ڳُر نہ ڦٻيا ۽ ھو ٻولاٽيون ڪائي، ڪنھن پڇڙ تاري وانگر اڇي پٽ تي ڪريو:

ھن جا سڱ ٽٽي پيا ۽ ھن جي ڦاٽل سِريءَ مان رت لار ڪري وھيو ۽ وڃي چشمي جي شفاف پاڻيءَ ۾ ڪريو ۽ اُن ۾ ڦھلجي ڳاڙھي ڌار ڪري وھندو رھيو.

ساري رات ڪير ٽڙ جي ناسي پٿرن ڪي ننڊ نہ آئي، ۽ پنھنجي اُتاولي ڀيڄيءَ لاءِ گونگا ڳوڙھا ڳاڙيندا رھيا، ۽ جڏھن پرھ جا پکي پنھنجين وسرام وارين ٽارين تان اُڏريا، تڏھن ماڪ ڦڙا پٿرائين پٽ تي ڳوڙھن وانگر ڇُلڪي پيا ۽ چمڪڻ لڳا:

ٻہ ٽي اُجايل پوُنتريون چشمي جي ڀر تي اُڏري آيون ۽ اجا پاڻي پيئڻ لاءِ چھنبون ئي نہ پٽيون ھيائون تہ اُنھن کي پاڻيءَ ۾ ڳاڙھو رت نظر آيو.

۽ ڀڙڪو ڏيئي ڳاڙين جي ڳاڙھن وڻن تي موٽي ويون. ھا، ڪجھ ٻالپشاھي پنھنجا چاقو پٿرن تي تکا ڪري رھيا آھن، ۽ ھنن جا آنڊا ٻُڪ ۾ وٽجي رھيا آھن.

****

●

هي اُهو ديس آهي جنهن ۾ مڪيون ڪوريئڙن
لاءِ دعائون گهرنديون آهن،
جتي قطب تارو اُڀرڻ وقت
مثل پروانا پوئي، ٻڇيءَ ۾ هار ڪري پائيندو آهي.

****

●

اي ڪاش! جيئرا ائين جاڳن جيئن مُئا قيامت جي ڏينهن جاڳندا آهن.

****

●

ڪنهن وقت جيءَ ۾ ايندو آهي
تہ مان ابهم ٻارڙن جي ننڊ ۾ سفر ڪيان،
۽ اُنهن جي خواب خواب جي بندرگاهہ تي لهان
۽ اُتان اُهي ڪيڏوٽا ونئي اچان،
جي زندگيءَ جي معصوميت ڪي وٽندا آهن،
۽ جن ڪي زندگيءَ جي مصيبت
اُچاتريءَ اڪ سان ٻہ نہ ڏسندي آهي.

****

●

ڪنهن وقت دل چاهيندي آهي
تہ مان پاڻ ۾ اهو ريت جو ذرو ڳولي لهان،
جو بحرِ بي ڪنار ڪان ساحل تي وسري ويو آهي،
۽ جنهن کي ساري رات
ڇوليون ڳوليندين رهنديون آهن
۽ باڪ ڦٽيءَ جو هٿين خالي موٽنديون آهن.

****

●

رامبو چوندو هيو تہ "آءٌ ٻيو آهيان،
"آءٌ اُهو نہ آهيان، جو منهنجيءَ ذات جي جهنم ۾ جلي رهيو آهيان؛
"جو مون مان وقتي فرار لاءِ ڪنهن دور دراز ساحل تي لنگر انداز ٿيو آهي؛
"آءٌ ازل آهيان، ابد آهيان، اُها شاعري
آهيان جنهن جا قافيا ڪنهن بحرَ بي ڪنار جي
ڇولين وانگر رديف جي ساحل سان ٽڪرائن ٿا،
"۽ جنهن جي معنيٰ جا موتي سپ سچا آهن،
"۽ جنهن جي هڪ سپ بہ ڪوڙي موتي پيدا ڪرڻ جي اهل نہ آهي."
ڇا سچ سچ اهو رامبو چوندو هيو؟
پر ان جو ذڪر ڪنهن ڪتاب ۾ تہ نہ آيو آهي!
۽ رامبو آفريڪا ۾ ذريعي معاش جي تلاش
۾ ڀٽڪي ڀٽڪي آڳسٽ ارڙهن سؤ ايڪيانوي
۾ فرانس ۾ موٽي آيو هو ۽ اُتي ئي ڊسمبر جي مهيني ۾ مري ويو هو!
پر مون کي پڪ آهي تہ اهي لفظ مون رامبوءَ کان ٻُڌا آهن،
ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل هجن يا نہ، ان ڪري ڪهڙو فرق پوي ٿو!

****

---

* رامبو- فرانس جو عظيم شاعر

●

اي نادان قوم! مان جو سوين سرمست آهيان،
اُن جي پوري قدر ڪرڻ لاءِ توکي سوين سال لڳندا.

****

●

بلي شاهه کان پنائيءَ تائين
۽ سلطان باهوءَ کان سچل سرمست تائين
اُن ڪائنات جو هڪ ڪونو بہ ولاريل نہ آهي
جا مون ۾ آهي.

****

●

علم جَديد انسان ۾ هستيءَ مُطلق سان وصال جي تمنا
کي ٽٽو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ رڳو هن سان ابدي تيرگيءَ
۾ پراسرار گم شدگيءَ جو وعدو ڪيو آهي،
جنهن ۾ انسان بہ معدوم ٿي وڃن ٿا.
ان ڪري جديد آرٽ نہ ابدي حقيقت کان راهِ فرار آهي، نہ
آنيم آهي، نہ ئي ڪائي پر فريب آسودگي آهي؛
رڳو صحيح مسئلي جي رونمائي آهي، اُن جي پر پيچ
رهگذر تي تلاش آهي، حقيقت جي نقاب ڪشائي آهي،
چاهي اُن جو چهرو ڪيترو بہ مايوس ڪندڙ ڇو نہ هجي.
اي باهو! نہ تون ٿو نظر اچين، نہ هُو ٿو نظر اچي،رڳو بحر
بي ڪنار موجزن آهي، رڳو بحر بي ڪنار موجزن آهي.

****

●

باک ڦٽيءَ جو
گلاب جو ھوٺو
جام تي جام پيري رھيو آھي
۽ اُن تي ويٺل اک مکڙ
ڪنھن شرابيءَ جي ھٿن وانگر ڪنبي رھيو آھي.

****

●

ھرڻ
جيڪڏھن ڪنھن تلاو جي شفاف پاڻيءَ بدران
ڪنھن وڏي آئيني ۾
پنھنجو پاڻ ڏسندو
تہ ڇا
پاڻ کي سڃاڻي سگھندو؟

****

●

جي انسان کي ڪنهن عدالت ۾ مجرم ڪري پيش ڪيو وڃي ته مان هن تي مقدمي جو منصف جيڪر ڳجهه کي ڪيان، واگهه کي ڪيان، ڇرڪي کي ڪيان، ڪنهن ڪانوَ کي ڪيان، جنهن اُهي نيڻ ڪاڏا هجن جن ۾ 'پيا ملن جي آس' هُئي، ڇو ته انسان انهن سڀني کي ظلم ۽ تشدّد ۾ مات ڏيئي چڪو آهي.

****

●

اجنتا جي گُفا ۾ ڇت تي پٿر مان جوڙيل چار هڪجهڙيون مورتيون هيون، جن کي ماٿوءَ جو منهن هيو ۽ پکيءَ جا پر ۽ پير هيا ۽ جن جي ڪلهي تي ساز رکيل هو ۽ ائين ٿي لڳو ته هو اجهو ڪي اُڏريون. مون انهن مورتين ڏانهن ٿي ڏنو ته گيتار راج چيو، "انهن مورتين کي ڪنر ديوتا چوندا آهن؛ تنهنجي ڪتاب جو نالو 'ڪلهي پاتم ڪينرو' آهي نه؟ ڪينرو ٻيجل جو ساز هيو نه؟ اهو ڪينرو لفظ 'ڪِنرَ' مان نڪتو آهي. راڳي اڌ پنچي اڌ پرش ٿيندو آهي."

****

●

روجھ واريءَ تي پنھنجو پاڇو ڏسي سوچيو،
"ھي ڪير آھي جو مون وانگر ڊوڙي رھيو آھي؟
ڇا، ھن ڪي بہ مون وانگر اُڃ لڳي آھي؟"

****

●

جي ناتر اھو سوچي تہ مون کان سواءِ موڪِي مَٽُ ڇڪائي ٿي نہ سگھي ھا تہ اھا ھُن جي ڀل آھي.

****

●

مان شاعريءَ جو اڪبر اعظم آهيان
منهنجي شاعريءَ ۾ ديوانِ عام بہ آهي تہ ديوان خاص بہ آهي.
منهنجو هر نظم تختِ طائوس آهي
۽ منهنجو هر قافيو ڪوه نور وانگر درخشان آهي
۽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ فيضي بہ آهي تہ ابوالفضل بہ آهي.
۽ منهنجي پهلوءَ ۾ ڪائي جوڌ ٻائي بہ رهي آهي
فرق فقط اهو آهي
تہ منهنجيءَ شاعريءَ نہ ڪنهن پرتاپ کي جلاوطن ڪيو
آهي ۽ نہ ڪنهن چتور جي قلعي کي مسمار ڪيو آهي.

****

●

توکي ڏسي مون کي روسي مصور مارڪ شاگال جي تصوير
'وقت درياهه بيڪنار آ '
ياد ايندي آهي. تصوير ۾ هڪ مڇي نڪتل آهي ۽ ان جي
هينئان هٿ ۾ هڪ وايولن آهي ۽ هڪ گهڙيال به آهي، جو
ٻهراڙيءَ ۾ وڄي رهيو آهي، ۽ اُن جي پرسان پيار ۾ ليٽيل
هڪ جوڙو آهي.
وايولن تي موسيقار جو هٿ ائين مضراب هلائي رهيو آهي
جيئن مڇي درياهه ۾ ترندي ويندي آهي.
۽ وقت جي درياهه جو ڪوئي ڪنارو نه آهي،
۽ سُر اٿاهه آهي، اگهور آهي، اننت آهي،
۽ تون ۽ مان درياهه جي ٻن لهرين وانگر هڪٻئي جي
آغوش ۾ اچي ويا آهيون.

****

●

هڪ پيري مون کي چوڪنديءَ جي قبرستان ۾ محسوس ٿيو تہ هر پٿر کي ڪيئي اکيون آهن، جي منهنجي چُرپر کي جاچي رهيون آهن ۽ پنهنجي اَچل هجڻ تي افسوس ڪري رهيون آهن.

****

●

مسافر! ڇا مان تنهنجا پير تو ڪان اُڌارا وني ٿو سگهان؟
مون کي ڏاڍو دور وڃڻو آهي ۽ مان ٿڪجي پيو آهيان.

****

●

رڻ ۾ هڪ سپاهي گرڻ ۾ ڦاسي پيو آهي
۽ هاٿي هن جي اُيي ٻانهن کي بہ گرڻ ڳهي
چڪي آهي ۽ رڳو هن جي هٿ ۾ بندوق
جي سنگين گرڻ ڪان ٻاهر آهي.
پريان ڪونيٽ تي ويٺل ڳجھ هن جي
اجائيءَ زندگيءَ جي اجائي انت تي اجائي
افسوس سان ڏسي رهي آهي.

****

●

منهنجو جهونو دوست مون سان گڏ وينو هو ۽ هوءَ جا سهي وانگر نرم ۽ گرم هئي، اسان ٻنهي جي سامهون ويٺي هئي. اوچتو منهنجي نظر پنهنجي دوست تي پئي ته مون ڪي هن جو اڏ منهن ماڻهوءَ جو ۽ اڌ ٻلي جو نظر آيو. ماڻهوءَ واري اڌ منهن تي مرڪ هئي ۽ ٻلي واري اڌ منهن تي مڇن جا وار ڦڙڪي رهيا ها. اوچتو سهي ڪنڌ جهڪايو ته اڌ منهن واري ٻلي جهڙپ ڏني ۽ سهي کي چيچاڙڻ لڳو. اڌ منهن تي ماڻهوءَ جي مُرڪ گهڙيءَ لاءِ ڪاري ڪڪر ۾ سج وانگر گم ٿي ويئي.

****

●

ٻوليءَ ۾ انقلاب کان سواءِ فڪر ۽ عمل ۾ انقلاب ناممڪن آهي.

****

●

ادب ۾ جمود تي حملو دراصل سماج ۾
جمود تي حملو هوندو آهي.

****

●

ادب ۾ امن جو سوال ئي نہ ٿو اٿي.
ادب اَکُٽ جنگ آهي.

****

●

نہ نوري آهي نہ تماچي،
رڳو ڄاريون ۽ ڪاريون اونهاري جي سج ۾
سڙي رهيون آهن،
۽ تماچيءَ جي محل جا روشن دان ڪينجهر
جي تيز هوا ۾ کلي ويا آهن ۽ انهن کي
ڪوئي بند ڪرڻ وارو ڪونہ آهي.

****

●

شاعر جي سماجي ذميداري رڳو اها آهي تہ هن جا خواب
هڪ ڏينهن لاءِ بہ نڪما نہ رهن.

****

●

اها بہ ڪائي ڳالهہ آهي، جو هن خلائي پرواز
جي دؤر ۾ اِن تي فخر ڪجي تہ اسان جي
ٻوليءَ ۾ "اُٺ" لاءِ چاليهہ لفظ آهن!

****

●

اڃا تائين تہ سنڌ ۾ ڪنهن وٽ اهڙي
ادبي ڪسوٽي نہ آهي، جا معلوم ڪري سگهي
تہ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيتري ٽيٽ مليل آهي.

****

●

هو جن کان نفرت ڪئي وڃي ٿي،
هو جي بحرِ بيڪران جو قطرو آهن پر جن کي حقير سمجهي
لنوايو وڃي ٿو،
هو جي ازل آهن، ابد آهن، جن حد وحساب نہ ڄاتو آهي،
جن جو قد ايترو بلند آهي جو هو ان ڪري جهڪي هلن ٿا تہ
هنن جو سرفردوسِ برين جي ڇت سان نہ ٽڪرائجي وڃي،
ستارا جن جي وارن جو ڀڦو آهن،
هو جي قافلا ڏسي مُرڪن ٿا
۽ اچا ٽڪيون ٽِلڪن ٿي نہ ٿيون
تہ هنن جون نهارون سارا ماڳ لتاڙي موٽي اچن ٿيون، اُهي
پنڌ نہ ڪن تڏهن بہ اُنهن جا پير نہ ڇڏا!
ڇو تہ اُهي ويني، بيٺي، سُتي سدائين پنڌ ۾ هوندا آهن.

****

●

اروشيءِ وڪرم کي چيو، "ڇڱو مان وڃان ٿي."
"وري ڪڏهن ايندينءَ؟" وڪرم هن کان پڇيو. اروشيءَ هن کي گهوري ڏٺو ۽ پر ٿهلائي آڏامي ويئي. پوءِ هوءَ ڪيئي سال وڪرم کي ياد نہ آئي، تان جو وڪرم پوڙهو ٿي ويو ۽ هن جا لوُڻا اڇا ٿي ويا.
هڪ ڏينهن اروشيءَ وڪرم کي ڏاڍو ياد آئي، پر ڪجهہ سوچي هو ڇرڪي ويو ۽ ڪالي داس کان پڇيائين، "ڇا اپسرائون بہ پوڙهيون ٿينديون آهن؟"
"نہ" ڪالي داس جواب ڏنو.
وڪرم جو منهن لهي ويو.

****

●

ڪيتريءَ 'ڪجهہ بہ نہ' مان هي سيڪجهہ ٺهيو آهي؟

****

●

زندگيءَ جي انتها تي پهچي مان سوچان ٿو تہ مون اجان ابتدائي ڪٿي ڪئي آهي!

****

●

مان اُهي سڀ بيت لکڻ ٿو چاهيان جي پيئائيءَ کان رهجي ويا ها.

****

●

منهنجي هڪ دوست موت جي بستري تان
مون کي ڏک سان ڏسي چيو، "هي تہ سڀ ڪجھ نڳي آهي!"
"نڳي ڪنهن جي آهي، زندگيءَ جي يا موت جي؟"
مون هن کان پڇيو، "موت تہ ڪنهن کي نڳيندو نہ آهي."

****

●

ٻالي مرداني کان پڇيو، "جي مان نہ ڄمان ها تہ ڇا ھجان ها؟"

۽ پوءِ ٻيئي گرو نانڪ ڏانھن ڏسڻ لڳا.

****

●

مان اُنھن سان مخاطب آھيان جي اڃا تائين نہ ڄايا آھن.

****

●

موت کان پوءِ جڏھن تون ۽ مان ملنداسين تہ ڇا ھڪٻئي کي ڏسي ڇرڪ پرينداسين؟

****

●

جلاد دارا جو سر رومال ۾ ويڙهي
اورنگزيب جي اڳيان پيش ڪيو. اورنگزيب
تلوار جي نوڪ سان رومال هٽائي دارا
جو سر ڏٺو ۽ چيو، "هي منهنجو قاتل
آهي ڇو ته هي زنده آهي ۽ مان مري چڪو آهيان"

****

●

منهنجا قلم! ڇا، تون پنهنجو پاڇو
سورج گهڙيءَ تي ڏسي رهيو آهين؟

****

●

ساميءَ پنهنجي گروءَ ڏانهن ڏٺو، جو موُن ورت ۾ مري چڪو هو ۽ ڪائي اڃا نه ڪئي هيائين، ۽ پوءِ سوچيو، "هن اهو سڀ ڪجهه ڄاتو ٿي، جو مان پنهنجن سلوڪن ۾ ڇئي نه سگهيو آهيان."

****

●

جبر و اختيار؟ اهو مسئلو ڪير حل ڪري سگهيو آهي؟ مان ته اهو به نه ڄاڻان ته مان شعر گوئي وقت مختار آهيان يا مجبور آهيان!

****

●

هاهاهاها.... هو مستقبل جي باري ۾ سوچي رهيو آهي ۽ اهو نه ٿو ڄاڻي ته مستقبل هن جو موت آهي.

****

●

سرمد جلاد کي چيو، "وجود جو بحر ته بي پايان آهي. پر عدم جو اسرار ان کان به وڌيڪ بي پايان آهي.مان تنهنجي تلوار جو احساس مند آهيان جا مون کي ان جي وچ سِير ۾ وٺي ويندي."

****

●

هر دعوت تي هڪ شهر خموشان سان ملاقات ٿئي ٿي ۽ محبوراً هر ڪفن پوش سان دعا سلام ڪرڻو پوي ٿو.

****

●

اي خدا! قطري کي بحر بي ڪنار ۾ ملي، جا خوشي حاصل ٿئي ٿي، اُها مون کي نہ گهرجي.

****

●

منصور شبليءَ کي چيو، "جي منهنجي هر زخم کي مرڪندو ڏسين تہ منهنجو موت سجايو سمجهجانءِ!"

****

●

اُها ٻتي جا ٻري نہ ٿي ٻري،
اُهو دروازو جو کُلي نہ ٿو کُلي،
اُها گهنٽي جا ڳُٽي نہ ٿي ڳُٽي،
اُها خاموشي جا ڏرتيءَ تي آرسيءَ وانگر ڪري ٿي پر ٽڙڪي نہ ٿي ٽڙڪي،
اُهي پل جي گلاب جي پنن تان ماڪ ڦڙن وانگر اُڏامي ويا ۽ پنهنجي خوشبوءِ ٻہ پاڻ سان ڪٽي ويا.اُها منڊي جا تو مونائڻ چاهي ۽ منهنجي آڱر ڪي ڳولي رهي آهي-
هاڻي منهنجيءَ شاعريءَ جا نوان استعارا آهن، تنهنجا پيرا آهن،
جي مون کي اڻانگا لڪ پار ڪري وري نظر آيا آهن.

****

●

اڳوڻو غزل ماتا جي بيماريءَ وانگر
ختم ٿي چڪو آهي ۽ رڳو ڪنهن ڪنهن
شاعر تي اُن جا سيڱرا نظر اچي رهيا آهن.

****

●

منهنجي ڌرتي، جا هڪ گول ٿوهر وانگر
آهي، اُن جون جڙون ڇا ۾ لڙڪي رهيون آهن؟
ڇا ۾؟؟
ڇا ۾ ؟؟؟

****

●

سَمِيءَ جو سارو ڪچرو پنيٽ ۾ پڙڪي رهيو آهي-
هر آها رُت جا راس نہ آئي،
هر ٿئين رِتَ جنهن کي راس آڻڻ جي مون ۾ سگهہ نہ رهي آهي،
هر اُهو ڏَس جو مون کي لڪن ۾ لوڙائيندو رهيو هو،
۽ اُهو نئون ڏَس جو پهاڙ جي چوٽيءَ تي چنڊ وانگر اُڀري آيو آهي:
مان تو لاءِ ڪجھ بہ پنيان ڇڏي وڃڻ نہ ٿو چاهيان،
سَمِيءَ جو سارو ڪَچرو پنيٽ ۾ پڙڪي رهيو آهي،
تون جو ڪچري جا ڍير سونجهيندو آهين،
۽ ڪڏهن ڪڏهن اُن مان ڪائي ڪارائتي وٿ ڳولي لهندو آهين:
مون کي افسوس سان ڏسي رهيو آهين،
ڄڻ تہ مان تنهنجو ڪوئي قرض ڪائي رهيو آهيان،
تنهنجي ڪائي امانت جلائي رهيو آهيان!

****

●

پوڙهيءَ چيو، "مون هن کي خچر جا وار چيلهه سان ٻڌا،
سڳڙا ٻڌا،
مسجد جي پٿر جا ڪک ٻڌا،
هن جي گنديءَ جا چار ٽي پلوَ ۽ وچُ
هڏ سان رڱائي
هُن کي گندي اوڍائي،
* چانديءَ جا رپيا پاڻيءَ ۾ ڌوئي هن کي پاڻي پيئاريو،
پر پوءِ به هن جو ٻار ڪري پيو.
تون پلي ٻيهر هڻ هٿان ڪرَ
پر مان نه ٿي ڀانيان ته هيءَ ڪوئي ٻار ڄڻيندي."
هو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوڙهيءَ کي
چيائين، "ماسي پوءِ ڇا ڪيون؟"
"اهو به ڪوئي سوال آهي!" پوڙهيءَ
جواب ڏنو، "ٻيءَ سان پلئه پلي ٻڌا! هن
نپٽيءَ آنٽيءَ سان وهي وڃائڻ ضروري ته نه آهي!"

---

* حامله عورت جي حمل بچائڻ لاءِ سَوڻَ.

****

پوڙهيءَ جي صلاح ٻڌي پهرين تہ هن جي
من تان ٻوجهُ هٽي ويو، پر ٿوريءَ دير کان پوءِ
هن جو من ڳوڙهن سان ائين ڀرجي آيو جيئن
ڪنهن گل تان هوا مينهن ڦڙا ڇنڊي ڇڏي،
۽ وري ٻيهر اُهو مينهن ڦڙن سان ڀرجي وڃي.

****

●

اُف! هيءَ پيري، هيءَ علالت، هي ياس آميز اکيون، هيءَ نئين نسل جي ڪم نگاهي، هيءَ پنهنجيءَ شڪست جي عيني شهادت، هي منهنجا ڪتاب جن جي نئين اشاعت منهنجي نئين نڪاح وانگر بي معنيٰ آهي!
ان کان بهتر هيو هُو پيغمبرانہ شان سان جوانيءَ جو موت، هڪ ڌڙ تي ٻہ سر، سرمد جا ۽ دارا جا، ٻنهي جي اکين ۾ مستقبل جا پراسرار جلوا ۽ چپن تي تبسم جي تحرير تہ شڪست عارضي آهي!

****

سرمايه دار ناشر مون کي چيو، "جيترا هزار چئين تہ ڏيانءِ، تنهنجي شاعريءَ جو نئون ڪتاب آءٌ ڇپائيندس."

مون هن ڏانهن افسوس سان ڏسي چيو، "هونءَ توکي پنهنجو نئون ڪتاب اشاعت لاءِ ڏيان ها پر هاڻي نہ ڏيندس."

"ڇو" ، هن حيرت مان پڇيو.

"تون تہ لاڙي آهين،" مون جواب ڏنو، "توکي تہ معلوم هوندو تہ لاڙ ۾ ڪي قومون ڪير نہ وڪڻنديون آهن، دراصل هو ڪير جي وڪري کي پنهنجي توهين سمجهنديون آهن؛ ۽ منهنجي شاعري تہ شيرِ مريم آهي، اُن جو طلبگار اهو ٿئي جنهن جي مقدر ۾ صليب آئي هجي."

****

●

ادب مفرور وقت جي عارضي جاءِ پرڻ
لاءِ نہ آهي، ازل ۽ ابد جي وچ تي پُل آهي.

****

●

افسوس! جي ماهيا ڳائيندي تو ڀڳت سنگھ کي وساري ڇڏيو آهي.

****

●

مصري شاه جي ڪاني؟ اُها تہ ٻيڙيءَ
سنڌ جي اٽيي مٽي جو ٻڦو آهي.

****

●

امير خسرو پنهنجيءَ هر ڳجهارت ڪان وڌيڪ ڳوڙهي ڳجهارت آهي.

****

●

ڇا سِسِيفس جي ديو مالا متروڪ ٿي
ٿي چڪي آهي؟ ڇا اُها ديومالا اُن
سماجي حقيقت جي فني تمثيل نہ آهي جنهن جو
وجود ختم ٿي چڪو آهي؟
هاڻي ماڻهوءَ جو مقدر اِهو تہ نہ آهي تہ هو
ڪنهن ڇپ ڪي پهاڙ تي ريڙهندو وتي!
جديد تاريخ هن ڪي ڪوه ڪني سپرد ڪئي آهي،
هن پٿر ڪٽيا آهن، ريڙهيا نہ آهن. گدريل صديون
اِن جي تصديق ڪن ٿيون تہ هُن پهاڙن جون چوٽيون
چڙهڻ بدران، اُنهن کي بارود سان اُڏائي
وچ مان رستو ڪڍيو آهي.
پر هي مان ڇا لاءِ ٿو لکان؟
ڇا، مان پيرانہ سالي ۾ پنهنجي
بي عمليءَ لاءِ جواز ڳولهي رهيو آهيان؟

****

●

هي لينن گراڊ ۾ دوستوِوسڪيءَ جو گهر/ عجائب گهر آهي.
هي اُنهن ڪتابن جا عڪس آهن، جي هن پڙهيا ها؛
هي تيل بتيون ۽ شمعدان آهن جن جي روشنيءَ
۾ هُن اُهي ڪتاب پڙهيا ها.
هي سوفا آهي جنهن تي هو پنهنجيءَ زال کي هنج ۾
ويهاريو چميون ڏيندو هو؛
نه ڄاڻان هُن جون اِهي نظرون به اڃا تائين اِن
ڪمري ۾ آهن جي اِنهن ڪتابن تي پيون هيون،
۽ اُهي چميون به اتي آهن جي هن پنهنجيءَ زال کي ڏنيون
هيون؟
هن ڪائنات ۾ ڪجهه به ضايع نه ٿيو آهي،
نه ٿيڻو آهي.
مان دوستوِوسڪيءَ جي آرسيءَ ۾ پنهنجو
چهرو ڏسي، پنهنجو عڪس اُتي ڇڏي ٿو
اچان؛

جيڪڏهن ڪائي جلاوطن سنڌي شاعره
ڪڏهن لينن گراڊ آئي ۽ ان آرسيءَ ۾ پنهنجو
چهرو ڏنائين ته منهنجو چهرو هن کي ڏسي
مُرڪندو،
مُرڪ، جا اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪنهن ابدي
آئيني جو اولڙو هوندي،
آئينو، جنهن کي نه سياست ٽوڙي سگهي آهي، نه تاريخ
ٽوڙي سگهي آهي، نه تقدير ٽوڙي سگهي آهي.

****

●

ڇا تقدير آءِ. آر. اي جي اُنهيءَ انقلابيءَ کي،
جنهن لارڊ مائونٽ بيٽن کي ٻم سان اُڏايو هو،
اِن لاءِ مقرر ڪيو هو
تہ ورهاڱي کان پوءِ
هندستان کان پاڪستان ويندڙ
۽ پاڪستان کان هندستان ويندڙ
ريلن تي
هلايل گولين ۽ اُڇليل ٻمن جو
پلئہ ڪري!

****

●

مان هي دروازو کيئن کوليان،
هي دروازو جو اندران بند آهي!
گهنگهور گهٽائون موسلاڌار مينهن لاءِ اُپري رهيون آهن،
آسمان اڳي کان بہ وڌيڪ اونداهو لڳي رهيو آهي؛
ڇت تي اوپرا مرون ٽري رهيا آهن.
مان وري شيشي جي تاڪ مان اندر ڏسان ٿو،
اندر ڪجھ دونهون هنيو آهي ۽ بتي ٻري رهي آهي-
ها، بتيءَ تي ڪوئي پتنگ پرڙا ڦڙڪائيندو نظر نہ ٿو اچي،
مٿان گهگهہ گجي رهيو آهي
۽ دروازو اندران بند آهي.

****

●

ويندڙ ريل جي بتيءَ وانگر منهنجي شاعري
پليٽ فارم کان اڳتي وجي رهي آهي،
۽ تون جنهن کان ريل گسي وئي آهي،
پٽڙين تي تيزيءَ سان وڌندڙ روشنيءَ کي
اُداسائيءَ سان ڏسي رهيو آهين.

****

●

پرهه جا پل تارين تي ماڪ وانگر چمڪي رهيا آهن،
۽ مان وڻ جي چوٽيءَ ڏانهن چڙهي رهيو آهيان،
اِن لاءِ تہ پوئينءَ تاريءَ تي بيهي
اَيرنڊڙ سج کي نمسڪار ڪيان:
عمر اُهو پکي آهي، جو هڪ پر تي
اُڏامندو آهي
۽ جو
تمام تيزيءَ سان
سج ڏانهن اُڏري رهيو آهي
تہ جيئن اُن جي شاخن تي ويهي
پنهنجا پريان ٻہ تي گيت ڳائي وٺي.

****

●

هاڻي هيءَ دنيا منهنجو زندان آهي
مان اِهي شفق جون سيخون ٽوڙي اُڏامي
وڃڻ چاهيان ٿو.
اي انسان ذات! تو مون کي هڪ بي درد
سود خور وانگر ڦُريو آهي؛
مان تنهنجو قرض ڪيترو وقت اڳ ادا ڪري چڪو آهيان.
هاڻي مان پنهنجا باقي خواب
۽ اُنهن جون تعبيرون،
۽ اُهي سڀ شعر جي ازلي ڪاتب مون لاءِ لکي رکيا آهن،
۽ جي مان اڄ تائين اُتاري نہ سگهيو آهيان،
هن پرندڙ سگريٽ ۾ اُڇليان ٿو
۽ اُنهن جي پرندڙ اُلاوَ تي
پويون پيرو پنهنجا هٿ سيڪي،
ٿڌي انڌيري ۾ وڃڻ لاءِ سنيران ٿو
۽ هن ڌرتيءَ کي الوداع ڪيان ٿو.

****

●

مجاز وانگر جوانيءَ ۾ موت
چپن تي هڪ پيغمبرانہ گيت
۽ شڪست خورده تبسّم،
اهو موت ايترو مشڪل نہ هو،
مشڪل تہ يگانہ چنگيزيءَ جو موت هو،
پيري،
بيماري،
بيچارگي،
۽ عبدالماجد دريابادي جي چهري تي
فاتحانہ تبسّم!

****

●

ساري دولت تہ آسمان وٽ آهي،
ابر جي زرڪار عبا تہ ڏس!
زمين تي ڇا آهي!
زمين تي تہ رڳو سرد بارش هيٺان
ماڻهن جا انبوهہ آهن
ڦاٽل ڪپڙن سان
۽ ٽٽل دلين سان!

****

●

منهنجيءَ نئين تصوير جو موضوع آهي-
شاعر جي سر جو مجسمو
بند دريءَ جي شيشي اڳيان
ساڪت مغموم-
۽ شيشي جي ٻاهران
اکيون
ڪيئي اکيون
بلور جون اکيون
ڏسٽيون وائسٽيون انڌيون اکيون!

****

●

شاعر انسانيت جي موت ڪان اڳ ۾ مري ويندا آهن؛
هنن کي انسانيت جي موت جا پروڙ پوندا آهن،
۽ ان ڪري هو اهڙو اطلاع ملندي ئي،
پنهنجي بياض جو ڪفن تاڻي،
ليٽي پوندا آهن.

****

●

جي انسان گم ٿي ويا
ته ڌرتي رهندي؛
جي ڌرتي به گم ٿي وئي
ته اُهو ڪجهه رهندو جو ڌرتي نه آهي،
جي اهو ڪجهه جو ڌرتي تي نه آهي، گم ٿي ويو،
ته باقي اُهو رهندو
جو ڪڏهن به گم ٿيڻو نه آهي،
ءِ اهو ڇا آهي؟
ءِ اهو ڪير آهي؟
ءِ اهو هن وقت ڪٿي آهي
جڏهن انسان به آهن
ڌرتي به آهي؟

****

●

هن جي ڇوڏاري ڪولهي، پپل ۽ مينگهواڙ بيٺا ها ۽ ٻڪرال ڪنوڻ جي ڪِجڪي ۾ هنن جي ڪنن جا گوڪرو چمڪي رهيا ها.

هن جي دل ۾ آيو ته شهري لباس لاهي ڦٽي ڪري،
۽ ڪنهن پپل ڪان گوڏ وني ٻڌي،
۽ ائين ڳائي جيئن ٿر جا ڪسان ڳائيندا آهن،
جن کي پڪ هوندي آهي
ته ٻول ئي گيت جي جان آهن،
سُرَ پاڻ ئي نهندو آهي،
گيت کان الڳ سُرَ ڪا شيءِ نه آهي
۽ سُرَ فقط گيت لاءِ ئي هوندو آهي.

****

●

تو اهو جديد آرٽ ڏٺو آهي
جنهن ۾ آرٽسٽ (بُت گر) لوهه جا ٽڪرا/ سيخون/ خالي
دٻا/ بوتلون/ قسمين قسمين ڪباڙ
جون شيون ائين جوڙيندو/ ٺهڪائيندو هيٺ مٿي/
اوري پري رکندو آهي، جو هڪ نئون پراسرار
بُت/ نقش بڻجي پوندو آهي؟
ڪنهن ڪنهن وقت ٻوليءَ جي ڪباڙخاني مان آءٌ بہ ڪوئي
نظم/ وائي/ گيت/ هائڪو وغيره ساڳيءَ ريت ٺاهي
وٺندو آهيان.

****

●

مون چاهيو ته تنهنجيءَ ياد کي سرسبز
رکڻ پر اهو ناممڪن لڳو.
رڳو عشق ئي اهو ميوو آهي جنهن جو ٻج
پوکي نه سگهبو آهي.
ڪوئي به عشق بي انتها جدائيءَ جو متحمل نه ٿيندو آهي؛
طويل نه ٿيندي آهي
عشق جي زندگي ايتري.

****

●

جيءَ ۾ آيو ته شمعدان ۾ پنهنجو بياض
رکان ته سوين شمعون ٻري پونديون.

****

●

منهنجا رب! اُنهن کان پناهه ڏي جي انسان دوستيءَ جو پرچار ڪن ٿا ۽ دوستيءَ ۾ دغا ڪن ٿا.

****

●

ڇا زندگيءَ جي لهر، سورج جي تاوَ ۾ پنهنجا ٻاڙ هيرن وانگر چمڪائيندي، ڪنهن اونداهي ساگر ڏانهن وڃي رهي آهي؟

****

●

ريل پليٽ فارم تان نڪتي آهي
هڪ سياه فام عورت لالٽين ڏيکاري رهي آهي،
ريل جي روشنيءَ ۾ ويندڙ سڏا پڏا
اڳتي ڪنهن انڌيري ڏانهن مُڙي وڃن ٿا.

****

●

هي تصور جي جيت آهي،
من کان ٻاهر واريءَ دنيا تي من جي اندر واريءَ دنيا جي
جيت آهي،
مون ڪڏهن بہ سارتر جي ڪنهن ڪردار وانگر
تيءِ ڪرڻ جي ڪيفيت محسوس نہ ڪئي آهي،
۽ نہ زندگيءَ کي بي مقصد ۽ بيڪار سمجهيو آهي؛
مون ۽ ماحول ۾ تضاد جي اظهار مون کي منهنجي نجات
ٻوليءَ ۾ ڏني آهي؛
مون استعاريءَ ۾ هر شيءِ جي حقيقت بدلائي ڇڏي آهي،
اُن کي آبشار جي پاڻيءَ کان وڌيڪ شفاف ۽
هوا کان وڌيڪ هلڪو بڻايو آهي،
پوري ڪائنات سفر ۾ نظر اچي رهي آهي،
منزل جو نظارو دور تان مبهم آهي،
۽ منهنجي تصور جي ڇلانگ جي ٻانهنَ ٻيلي
منهنجي ٻوليءَ جي سگهہ آهي؛
منهنجي ادبي تخيّل جو پنهنجو وجود آهي،

جو هن طبيعاتي دنيا جي فطري نظام تي
منحصر هوندي بہ ان کان آزاد آهي.
منهنجا خواب حقيقت کي وڏيڪ پيارو
بڻائن ٿا:
خوابن جي رستي حقيقت جي تلاش،
۽ حقيقت تائين رسائي، حقيقت کي نئين معنيٰ بخشي
آهي.

****

●

دل پيري ۾ پڪيءَ وانگر ٽُنڪي رهي آهي،
۽ چاهي ٿِي
ته دروازو کلي ته ٻاهر اُڏامي،
آڪاش جي چوٽيءَ تي،
۽ ڪنهن بادل تي، ويهِي
پنهنجو نئون گيت ڳائي-
گيت جو هوءَ هن وقت تائين ڳائي نه سگهي آهي،
ته متان
اُن کي ڌرتي ڌڪاري نه ڇڏي.

****

●

ڪوئي هاٿي نه ويو آهي
۽ ڪونيءَ ۾ پنهنجو ٿُڪو ساهه ڇڏي ويو آهي،
جيون جي ياچ
ڪليل ڪڙڪيءَ مان
لنبيءَ چوڙيءَ سڙڪ تي،
۽ هو پريان
سائي ولهار تي
سچ جا تروڙا!

****

●

ڪيٽ سين سوچي رهيو آهي، "ڇا، مون کان
اهو ڪوٽ جو در ڪلڻو نہ آهي!
مون در کي ڌارَ ڪري، پنهنجو هٿ
اندر تہ وڌو آهي پر نہ ڄاڻان تہ ان جو اندريون
ڪڙو ڪٿي آهي!"
ڌارَ مان ٻنيءَ جو دونهون نڪري رهيو آهي،
ائين ٿو لڳي تہ ان جي وڻ ڪامي ويئي آهي.
ڪوٽ جي ڇت تي اوندھ آهي،
ان تي ڪارا روجھ چڙهي آيا آهن،
ڄڻان آسمان جي نيري تلاءَ ۾ ڪنول ڪرمائجي ويا آهن.
ڪيٽ سين جو هٿ ڌار جي ٻئي پاسي
ڪڙو ڳولي رهيو آهي ۽ سوچي رهيو آهي،
"مان هن ڪوٽ جو دروازو وڏيڪ پيچي
تہ نہ ٿو سگهان،
ان جا تاڪ ڏاڍا مضبوط آهن ۽
مون وٽ ڪو ڪهاڙو بہ نہ آهي!
ڇا هن پيري بہ مان مارئيءَ کي موٽائي نہ ٿو سگهان؟
ڇا هن پيري بہ مارئيءَ کي موٽائڻ لاءِ
مون کي عُمرَ جي رحم ڪرم تي رهڻو آهي؟"

****

●

آه! هي غروبِ آفتاب جا شعاع، جي مان
سڪل ڪانئين وانگر پيچي پنهنجو ٻارڻُ
ٻارڻ چاهيان ٿو!
منهنجا پُور ٿي ته منهنجا پساهه ها!
اڄ مان پنهنجا پُور انهيءَ ٻارڻ ۾ ٻاري
رک ڪرڻ چاهيان ٿو،
۽ جڏهن اُهي ٻري رک ٿي ويا،
تڏهن منهنجا پساهه ڪهڙي معنيٰ رکندا؟

****

●

ڇا، جيڪي نه ڇاپيا آهن، تن لاءِ جيئڻ به
ايترو ئي بي معنيٰ آهي جيترو مُن لاءِ جيئڻ؟
ڇا، غالب جي سٽ "مين عندليبِ گلشنِ نا آفريده هون"
بي معنيٰ بڪواس آهي؟

****

●

"انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي"- سنڌي ٻوليءَ جو اهو اصطلاح سوريئلي شاعريءَ/ مصوريءَ جي هر شاهڪار کان عظيم تر آهي.

****

●

تنهنجي منهنجي پيار جي ڪهاڻي جڏهن عام ٿي، تڏهن هزارين ودياپتي پيدا ٿي پوندا.

****

●

اي دشمن جي خيمي مان ڪنيل محبوبا! جي تنهنجي پيار تي ڪوئي ناول لکي ته گوگو ل جي تارس بلبا کان بهتر لکي سگهي ٿو.

****

●

جرمنيءَ هڪ صديءَ ۾ ڪانٽ، هيگل، فيورباخ
۽ مارڪس پيدا ڪيا ۽ ٻيءَ صديءَ ۾ هٽلر،
هرمن گوئرنگ، گوئبلز ۽ بورمئن پيدا ڪيا.
قومي ڪردار هڪ بي معنيٰ لفظ آهي.

****

●

ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟
قطب نما جي سُئي وهلور تي وڃي!

****

●

وشالتا ۾ پکيءَ جي اُڏار اگر ۾ لين تي ويئي،
۽ پولار ۾ رڳو اڃي ڪنبٽي رهجي ويئي.

****

●

يتين ڪي ڪن هوندا، زبان ته ڪانه آهي!
مان اُنهن سان مٺو ڇالاءِ ھٽي رهيو آهيان!

****

●

تنهنجي ٻڪ ۾ وقت هڪ ڀڄنڊڙ سهي وانگر ٿي لڳو.

****

●

رن ته نہ آهي ٻيلي جي ٻاھ آهي!

****

●

اديب استعارو ناهيندو آهي ۽ استعارو،
هڪ رنگين فانوس وانگر، اديب تي روشني وجهندو آهي،
هن جو چهرو بہ پسائيندو آهي
۽ اُن کي پُراسرار بہ بڻائيندو آهي.

****

●

سانجهي صوف جي اُنهيءَ اندرئين حصي وانگر لڳي رهي آهي، جنهن مان هڪ ٿار ڪٽي ويئي هجي.

****

⓫

هڪ مسافر وانگر
جنهن کان اڌ رات جو
هڪ ويران شهر ۾
ريل گُسي ويئي هجي.
شهر، جنهن جي گهٽين ۾
فانوسن جا شيشا ٽٽل هجن،
جنهن ۾ نه ڪائي سراءِ هجي،
۽ نه ڪائي سواري هجي-
ٻيءَ جاءِ تي ڪٿي وڃڻ لاءِ،
۽ جنهن جي مٿان ستارا
ٽم ٽم ڪري
هڪٻئي کان پُڇندا هجن،
"هي مسافر ڪير آهي؟
"هتي ڇالاءِ ترسيو پيو آهي؟
"ڇا لاءِ ترسيو پيو آهي!"

****

●

ڇاڪاڻ شوري ۾
سانجهي ٿي رهي هئي-
مون توکي هميشه لاءِ الوداع ڪئي،
سچ
آڪاس جي نراڙ تان پگهر ڦڙي وانگر
سنڌوءَ ۾ ڪريو،
۽ مون کي
اهي سڀ سانجهيون ياد آيون،
جن جا لهندڙ سج
منهنجن اکين اڳيان
ڳاڙهن موتين جي مالهائن وانگر
جرڪي رهيا ها
جي تو منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ پاتيون هيون.

****

●

حيرت آهي
جي تون چاهين
ته جو وڻ تو ڪڏهن ڇڏيو آهي،
سدائين سائو رهي!

****

●

تون ملير کي ڇڏي
ٻيو ڇا ٻه ٽِين،
مارئي نه رهندينءَ!

****

●

هرڪا ناري
جا گهاٽ تي گهڙو کڻي ايندين آهي،
سهڻي ته نه هوندي آهي!
سهڻي ٿيڻ لاءِ
سيسار جي ساک ضروري آهي!

****

●

منهنجين اکين ۾ اُهو آهي
جيڪي نہ آهي؛
جيڪي آهي
اُهو انڌن لاءِ آهي.

****

●

مون رڳو تنهنجا سپنا ڏٺا ها،
ايترا سپنا ڏٺا
جو مان تنهنجي پاڇي جو پاڇو ٿي چُڪو آهيان؛
پاڇي جو پاڇو!
اهو پاڇو بہ نہ، جو زندگيءَ جي سورج گهڙيءَ تي نظر ايندو آهي!

****

اڄ وري مان
ڌرتيءَ کي پنهنجي اندر ۾ ڏسان ٿو،
ڌرتيءَ، جا
منهنجي رت ۾
گردش ڪري رهي آهي،
۽ اُن سڄ جي چوڌاري ڦري رهي آهي،
جو مون ۾ آهي
جو مون کان ٻاهر نہ آهي
مون کان ٻاهر نہ آهي!

****

●

مون توکي ائين پيار ڪيو آهي
جيئن ڪوڏ واريءَ کي ڪندو آهي،
جڏهن موسلاڌار مينهن ۾
هو آسمان ڏانهن ڏسندو آهي
۽ سوچيندو آهي
تہ "هو آسمان مان آيو آهي
"يا سمنڊ مان،
"۽ جي واري هن کي پنهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ نہ ڇپائي ها،
"تہ هو ڪيڏانهن وڃي ها!"

****

●

جنهن وقت آسمان ۾ پکي نہ رهيا
۽ ڌرتيءَ تي شاعر نہ رهيا
تنهن وقت قيامت ايندي.

****

●

ٻڪٽي جو وات
مانيءَ ڳيپي کي
معنيٰ بخشي ڇڏيندو آهي.

****

●

موت هڪ موڙ آهي جتان راهي نظر مان گم ٿي ويندو آهي؛
موت هڪ موڙ آهي، رستي جي پڇاڙي نہ آهي،
رستو جو اڳتي آهي، اڳتي آهي، اڳتي کان اڳتي آهي.
تون جو موڙ تان مُڙي ويو آهين
مان تنهنجن پيرن جو پڙلاءُ ٻڌان ٿو،
پير، جي وڃي رهيا آهن، اڳتي وڃي رهيا آهن، اڳتي کان اڳتي وڃي رهيا آهن؛
ڪوئي راهي گم نہ ٿو ٿئي
رستو کٽي بہ نہ ٿو سگهي
رستو بہ سچ آهي
راهي بہ سچ آهي.

****

●

ڇپر جي ٿوريءَ ڇرپر مان شاعر ڇوهي
جي اڳڪٿي ڪري سگهندو آهي.

****

●

ڏات اجائي وڃائي رهيو آهين!
بم گولي ۽ لوڻگ ۾ ٿوڻا پري رهيو آهين!

****

●

ڪنبين ڇو ٿو؟
موت تنهنجي مستقبل جو انت آڻي سگهندو آهي
پر تنهنجو ماضي تہ اڳ ئي موت جو انت آڻي چڪو آهي.

****

●

اُها ڪير هئي جنهن لاءِ ٻڌائيءَ ڇيو هو-
"سڄڻ سُتا ولهه ۾ ڇوڻا پري ڪپور"
ڪير هئي؟
ڪير؟؟؟؟.....

****

●

عشق؟
گل ڳائي
۽ بلبل مان خوشبو اچي.

****

●

اوه، هي منهنجو پيار
جو عقاب جون اکيون ٽي پيو آهي،
جو چيتي جا چنبا ٽي پيو آهي!
اي دنيا! جي مون کان منهنجا پيارا نہ کسين ها
تہ مون کي ڪنول جهڙيون اکيون
هرڻيءَ جهڙو هيئون هُيو.

****

●

ڇا، ٽنگور جي جيون ۾ ڪائي بنودني آئي هئي؟
ائين تہ نہ آهي تہ ٽنگور پاڻ بنودني هيو!

****

●

شعر ۾ سادگي ضروري آهي،
سادگي جا آگ ۾ هوندي آهي،
جا اُن نگاهه ۾ هوندي آهي، جا گلِ انار
تي پوندي آهي.

****

●

اي عشق!
تون انسان کي
خير و شر کان
سود وزيان کان
۽ پنهنجيءَ انانيت جي گرفت کان آزاد ڪري نه ٿو ڇڏين.
عقل
زنجيرَ آهي
زندان آهي،
آزاديءَ جي منائي آهي.
اي عشق!
تون ئي انسان ذات جي نجات آهين
تون ئي واحد نجات آهين.

****

●

"ابليس جي اها مرضي هئي
"تہ مان روس ۾ پيدا ٿيان
"پنهنجي ساريءَ ذات سان
"۽ پنهنجي ساري ڏاهه سان"
(پشڪن)
اي پشڪن!
شاعرن کي
ساڳيا خيال ڇو ايندا آهن؟

****

●

"دودا!" ٻاگهيءَ چيو، "مينهن ڦڙو
ميدانِ جنگ ۾ گهوڙي جي نعل وانگر
لڳي رهيو آهي، ڳوروڪڙاڪي دار!
ڇا، اسان جي ڪائي جاءِ پناهہ آهي؟
ڪو ڇپر آهي جتي اسان منهن لڪايون؟"
دودي زور سان تلوار هوا ۾ هٽي
چيو، "ٻاگهي، مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ مان
وڄَ کي تلوار سان وڍي تہ نہ ٿو سگهان"

****

●

مون لاءِ
ان ڪان وڌيڪ پراسرار
ٻي ڪائي ڳالھ نہ آهي
تہ ڪويل ڪوڪي ڇو ٿي
۽ املتاس جي وڻ تان
آڪاس ۾ ڇا ٿي ڏسي!

****

●

آ پگهات جو ويچار من جي وڏي ٽيڪ آهي،
آپگهات جو سوچي
مون ڪيترين راتيون آرام جي ننڊ ڪئي آهي!

****

●

ڪازان زاڪس!
منھنجا ياءُ!
ڇا تاريخ اسان ٻنهي کي
مات ڏيئي چُڪي آهي؟

****

●

اسان ٻيئي هڪبئي کي پنهنجا نوان شعر
ٻڌائي رهيا هُياسين. ائين ٿي لڳو ڄڻ
سانجهيءَ جو ٻه ڪرلهي ڪنهن پٽ تي ويٺا ها.
پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪاتر کي واريءَ سان صاف
ڪري رهيا ها ۽ هڪبئي کي اُهي سها
ڏيکاري رهيا ها، جي هنن شڪار ڪيا ها.

****

●

لوئي آراگون کنهن کان پڇيو هو،"تو ڪڏهن
مُئي کي ٿڦ هنئي آهي." اي جوش مليح آبادي!
تنهنجي ڪنهن همعصر جي باري ۾ سوچي
مون کي اهو سوال ڪيترا ڀيرا ياد آيو آهي!

****

●

ڇا، هو بہ فلسفي هيو؟ جي هو جرمنيءَ ۾ پيدا ٿئي ها تہ نٽشي جو بٽلر(Butler) هجي ها.

****

●

ڪنهن ڪنفيوشس کان پڇيو، "تون سرڪاري نوڪري ڇو نہ ٿو ڪرين؟ توکي تہ ڪيترا ڀيرا آڇ ٿي چُڪي آهي."
ڪنفيوشس جواب ڏنو، "پڪي واهيري لاءِ وڻ چونڊيندو آهي، وڻ واهيري لاءِ پڪي نہ چونڊيندو آهي."
پر هي مان توکي ڇو ٿو ٻڌايان؟ تو تہ ڪنفيوشس جو نالو بہ نہ ٻُڌو آهي!

****

●

هو ٻوڏ جي ٻِوَ کان لڏي وڃي رهيا ها،
مُڙسالو، گهر واري، ڌيءَ ۽ پٽ -
بيل گاڏيءَ تي
جنهن کي پَتَرَ جو پلويڙو ڏنل هو،
۽ هن جي گهرواريءَ جي چُنيءَ تي چٽ هيا
۽ مَتان سانوڻ جا ڪارونيار ڪکر ڏوڪيندا ٿي آيا،
۽ ها، مُڙسالوءَ کي رڳو گوڏ ٻڌل هئي
۽ هُو پنهنجون سانوريون ٽنگون گاڏيءَ تان هيٺ لڙڪائي ويٺو هو،
۽ هو ڏيٺڙي ۽ پنڙو جن جا پار پتا مون کان وسري چُڪا آهن،
پر اهو ياد آهي تہ هو پنهنجي پالتو ڪُتي کي
ٻُچڪر ڏيئي رهيا ها جو بيل گاڏيءَ جي پٺيان ڀڄندو ٿي آيو،
۽ مون سوچيو هو تہ انهن جا ٻئي کنهن ڳوٺ ۾ مائٽ هوندا،

جن وٽ وڃي هو ڏاڍو ڪندا
جيستائين ٻوڙ جو پوَءُ ٽري وڃي؛
۽ پوءِ منهنجي ڪار ڏڏڙ اُڏائيندي هنن
وٽان تيزيءَ سان نڪري ويئي هئي.
هو ڪير هُيا؟ هو جي ڏڏڙ ۾ گهر
ٺي چڪا ها، ڏڏڙ جا هر ماڻهوءَ کي
ٻئي ماڻهوءَ کان ڇُپائي ڇڏي ٿي،
ڏڏڙ جا ساري سنسار تي ڇانيل آهي
جنهن کي تنهنجي منهنجي نهار ڇيري نہ ٿي سگهي.

****

●

رات جو ٽيڙو مون کي چوڻ لڳا، "اسان هڪبئي سان ڳالهائي ڪري ٿي پيا آهيون، اسان سان ڇو نه ٿو ڳالهائين؟"

مون آڪاس ڏانهن ڏٺو ته مون مان تنهائيءَ جو احساس گم ٿي ويو.

"هي ڪروڙين ستارا منهنجا سنگتي آهن." مون سوچيو، "مان تنها ڪٿي آهيان! اڄ نه سيان مان انهن وٽ موٽي وڃڻو آهيان. هائو، مان جن جو آهيان انهي وٽ موٽي وڃڻو آهيان. اڄ نه سيان منهنجي جلاوطني ختم ٿيڻي آهي، هن اجنبي ديس جا اجنبي ماڻهو جي منهنجيءَ ٻوليءَ کي اجنبي سمجهن ٿا. انهن سان آءٌ ڳالهايان به ته ڇا، جي نه ڳالهايان به ته ڇا! منهنجا هم زبان ته اهي ستارا آهن جي منهنجي ٻولي ڄاڻن ٿا، جي منهنجا پراڻا هم وطن آهن، جن جي سنگيت مون کي ورثي ۾ ملي آهي."

****

●

مون ٻيئي هٿ ٻُڪ وانگر پنهنجي منهن
وٽ آندا ۽ زور سان چيو، "مان"
"مان". چوڌاري جهنگل مان پڙاڏو
آيو، "مان" "مان" "مان" ۽ پڙاڏو آڪاس
تائين ڦهلجي ويو ۽ پنيرڪي جو نيريءَ چٽ
تان ڪنهن وراڻيو، "مان" "مان" "مان" "مان".
مون پٺائيءَ کي کلهي تي هٿ رکي چيو، "ميان!
مان تنهنجيءَ وحدت الوجود کي سمجهي ويو آهيان."

****

# واٽون ڦلن ڇانئيون

## ڳالهيون

سمنڊ ڪي پنهنجون گهٽيون آهن،
سوڙهيون ۽ ويڪريون،
جن ۾ آوارا مڇيون،
چڪر ڪاٽينديون آهن.

(اياز)

ها!
اياز جي شاعري
هڪ سمنڊ آهي
(جنهن جو ڪوئي انت نہ آهي)
۽ انهيءَ سمنڊ ڪي پنهنجون گهٽيون آهن
سوڙهيون ۽ ويڪريون
نہ ڄاڻ ڪيتريون
جن مان اڄ جي ڪيترن ئي
شاعرن پنهنجا رستا ڳولي لڌا آهن
۽ سيان جا ڪيترائي شاعر
انهن گهٽين مان گذرندا.

زيب سنڌي
جولاءِ ١٩٨٥ع

# وايون

تالهہ ڪٽي روپڙو ميندي پُسايو
دودل گهر آيو

نَيءَ جيان نيرڙو تنبو لڳايو
دودل گهر آيو

پورڙيون نينگريون پاهون وڏايو
دودل گهر آيو

ڏونڪلڙا پير تي وَر وَر وڄايو
دودل گهر آيو

دودلَ جو ديس لئہ لايو سجايو
دودل گهر آيو.

متــان ڳالهــايــو
ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

سوڊل لهندو لانو ڙَي
رَسِــي لــڙڪــايــو
ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

نيڻ ندوريءَ رات جا
تــارا ٽــمــڪــايــو
ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

هي جو سڌُ وهانوَ جو
وَرنَــهــ ورايــو
ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

ڏڦ ڏڦ ڏمامن ڪڻي
ڪو ڄاڃي آيــو؟
ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

---

دودي لــوڙهَ لَـٽِـن
وينـا وڃهـ ڪـوٽ ۾

نـ ڪا وَٽِ نـ ڏيئڙو
ڪـاري رات ڪَـٽِـن
وينـا وڃهـ ڪـوٽ ۾

ڪارا گُل گلاب جا
مُـٺـي مـوڙَ پَـٽِـن
وينـا وڃهـ ڪـوٽ ۾

پاڳون پنهنجون پيرڙهيون
سوڙهيءَ منجھ سٽِن
وينـا وڃهـ ڪـوٽ ۾

دودا، ڪِـن جي لئہ مٽين؟
هي جي ڇڪَ ڇَٽِن
وينـا وڃهـ ڪـوٽ ۾

هاڻي آءُ نه آءُ
اسان پليو آسرو

ٻه ٽي ڪٽيون مينهن جون
واڪا ڪري واءُ
اسان پليو آسرو

ڇڙا ڇُپّ ڪري ويا
چنگَ نه ساڳو چاءُ
اسان پليو آسرو

ڪنڌيءَ ٽٽل ڪانهن لءِ
کهڙو هِيرَ هڳاءُ
اسان پليو آسرو

---

ڳهوڙو ڳهر ڪاهي
ڪٿان آئين اوچتو؟

لڳن لڳل مينڙو
لاٽو ٻه ناهي،
ڪٿان آئين اوچتو؟

ٿورو سڄُ پهاڙ تان
هيٺ لٿو آهي،
ڪٿان آئين اوچتو؟

گهيڻا ڳُمهاين پيا
نينگرڙا ڪاهي،
ڪٿان آئين اوچتو؟

تنهنجي ڇِپر ڇپَٽ ڇو
ڇنو ٿِي ڍاهي،
ڪٿان آئين اوچتو؟

---

تـــوريـــو تُـــراڙي
مـون کـي وچَ بـزار ۾
ڳوليـا گُلَ گلاب جـا
لَـنءَ لَـنءَ جـي لاڙي،
تـــوريـــو تُـــراڙي
مـون کـي وچَ بـزار ۾

تون چڱُ، کنهن جي پريت جِي
پَـتِ رکـــي پـــاڙي!
تـــوريـــو تُـــراڙي
مـون کـي وچَ بـزار ۾

وينـدِي مُـنـد مـلار جِـي
تـاڙو تـو تـاڙي،
تـــوريـــو تُـــراڙي
مـون کـي وچَ بـزار ۾

پاريھر پرديس جا
اڄَ نہ مون پاڙي.
توريو ٽُراڙي
مون ڪي وچَ بزار ۾

منھنجون وايون ڇا ڪندءُ؟
ڀَتَ سوين ياڙي
توريو ٽُراڙي
مون ڪي وچَ بزار ۾

---

واهـــونـــدا ورَنـــدا،
ڪُهـ ڄاڻان ايندا ڪڏهـن!

دانهينـــدا دريـــاهـ تـــي
تـــار وچـــان تـــرنـــدا،
ڪُهـ ڄاڻان ايندا ڪڏهـن!

لَنءَ لَـنءَ جـن جـون لاتيـون
ٻـولَ پيـا ٻُـرنـــدا،
ڪُهـ ڄاڻان ايندا ڪڏهـن!

ڪنهـن ڄاتـو هِـنَ اوچتـو
ڪـوهَـ مـنـا ڪـرنـــدا!
ڪُهـ ڄاڻان ايـنـدا ڪڏهـن!

---

تـــو اي آدا آڪَ
ڪنهن ڪان وِهُه ورتو اِهو؟

مون ٻڌو جڏهن گهاريا — ڪيئي جهولا جهَڪَ،
مُنهنجيءَ آس اَريج ۾ — جيءَ نہ پوکيا جڪَ،
جهاڳيا پيرين پنڌِ مون — ڪيڏا آڏا لَڪَ!
پر مون امرت اوتيو — ريڻي ساهَ سَمڪَ،
مرندي تائين مون ڇِنّي — مٽيءَ منجھ مَهڪَ!

---

ڪچيون پرينءَ پار ڏي
اکيون جي اڻ جهلَ
ساجن بنان سَڄَ ۾

نه ڪا تن ۾ آس آ
نه ڪي ڳوڙها ڳلَ
ساجن بنان سَڄَ ۾

نه ڪا تن ڪي پاڻ تي
آهي ڪا به ڪهلَ
ساجن بنان سَڄَ ۾

ويندي پير پٽون ٿيا
ساڳي جاڙ جبلَ
ساجن بنان سَڄَ ۾

لٽو سڄُ لکن ۾
لَڙيءَ پويان پلَ
ساجن بنان سَڄَ ۾

پر جٺن لاٿيون لوهَه ۾
جيءَ نه اٿين جهلَ
ساجن بنان سَڄَ ۾

وَسئَن ناهي ويجهڙي
اُلهِي اُجهاڻو،
مان ۾ پنڌ پهاڙ جا!

نہ ڪا ٽِم ٽِم ٻاهِڙي
نہ ڪو ٽانڊاڻو،
مان ۾ پنڌ پهاڙ جا!

نہ ڪي تارا اُڀ ۾
نہ ڪو ٽانڊاڻو،
مان ۾ پنڌ پهاڙ جا!

نہ ڪي ساٿي سُڄَ جا
نہ ڪو اوراڻو،
مان ۾ پنڌ پهاڙ جا!

نہ ڪي پيرا پيچري،
ٿانءُ نہ ڪو ٿاڻو
مان ۾ پنڌ پهاڙ جا!

ربّا! تون ئي ڄَڻَ ڪٿي
پُليءَ جو پاڻو؟
مان ۾ پنڌ پهاڙ جا!

---

رَتــو رُنــي ســانجهَــ
ڪيچ نــ پُڳي ڪــامڻي

وڄــڻ لڳي موت جِـي
جهرڻي جهڙي جــانجهــ،
ڪيچ نــ پُڳي ڪــامڻي
اونــداهــيءَ ۾ اوهــرِ
واريــاسي پُــنءِ وانجهَــ،
ڪيچ نــ پُڳي ڪــامڻي

جيئڻ ٿي جنجار هــو
اڳتــي نــانهــ اڳــانجهــ،
ڪيچ نــ پُڳي ڪــامڻي

---

ساڻي سُرَنگان
ڪنهن جو توهَ مڱان
مون من تو مُونجهو ڪيو

وينو رَتُ اُگهان پيو
اجا تو آگان
مون من تو مُونجهو ڪيو

ڪيڏي ڪَٽُ ڪَنارئين
ڪيتا لالَ لَڱان!
مون من تو مُونجهو ڪيو

هِن ڏاڏاڻي ڏيهه ۾
دوڪا دورنگان
مون من تو مُونجهو ڪيو

ويري توڙي واهرو
ناهن چِتِ چڱان؟
مون من تو مُونجهو ڪيو

---

تـون جـو تـتـيءَ تـاءُ
ٻـيـهـر أيـري آءُ
لِـکَ لکاٽي کيـتـري

جيئن کاريهَر ڇپ تي
اهـڙو ٻـولَ ٻُـراءُ
لِـکَ لکاٽي کيـتـري

آنديءَ آئِي ڇِڱَن تنئي
واريءَ مـتــان واءُ
لِـکَ لکاٽي کيـتـري

جُهرندو جهوناڳڙهه ڪَڏهن
کوئي چـنـگَ چـتـاءُ!
لِـکَ لکاٽي کيـتـري

---

ٻچيءَ لاڻي ڳلَ
پرين ٻہ ٽي پلُ
اَڄُ تہ توسان اوريان

سانجهيءَ سڄَ ٻڏي چُڪو،
ٻہ ٽي پڪي يلَ *
اَڄُ تہ توسان اوريان

اوندهہ ڪان ٻِي اگبَ ۾
ملٽي نانهہ مَهلَ
اَڄُ تہ توسان اوريان

ڪاري ڪارونيار ۾
ڪنهن ڪي ڪنهن جي ڪَلَ
اَڄُ تہ توسان اوريان

---

* يلَ- درياهہ جي لهي وڃڻ ڪان پوءِ ظاهر ٿيل زمين.

سانجهيءَ سانگَ، پکِي،
سِرَءُ جي آڪاس ۾.
ساجن سنيهو ڏنو ڇا ڪنهن ڪانگَ، سکِي؟
مون ڪجرايون اکڙيون نہ مون مانگَ مکِي!
ڇو هِئَن منهنجي راتڙي ڪاري نانگ ڪکِي؟

---

تنهنجِي تـاتِ تـڳاءُ
تنهنجي توهـَ جيئان پيو

مون ڪان پوءِ منهنجا پِرين
سَڏَ نـ هـونـدو سـاءُ
تنهنجي توهـَ جيئان پيو

پـنـڌ تڪيندو پيـرڙا
واڪـا ڪـنـدو واءُ
تنهنجي توهـَ جيئان پيو

لَڪَن ۾ پيو لڙڪندو
منهنجو لونءُ لـڳاءُ
تنهنجي توهـَ جيئان پيو

کهڙيءَ پَر ايندين پرين
ڪنهنکي سُڏ سماءُ!
تنهنجي توهـَ جيئان پيو

---

بُـني مون نہ سهاءِ

مون پڇاڻان سپرين

جي چاهين، مون جيئري، آءُ اَچي ڳر لاءِ!
مون ڪان پو آئين تہ ڇا، بيوس نہ بهلاءِ!
ڏرتيءَ مَٿِ ڏُتارَ ٿِـي، هٿين هيٺ سماءِ.
مون جي گجرا پوئِيا، منهنجي هٿان پاءِ!

---

وو وو ويـــچـــارا

وو؛ ميان، وو وو ميان!

او، مان چاٽان ڪيچ ڏي چانگن جا چارا

وو؛ ميان، وو وو ميان!

او، هُو جهڙ جي جهاڳَ ۾ تمڪن ٽا تارا

وو؛ ميان، وو وو ميان!

ڪيڏيءَ ڏونگر چوٽَ تي تن جا ڏيڪارا!

وو؛ ميان، وو وو ميان!

پَڪَ نہ آ هو پهچندا، لَڪَ لِڪا سارا.

وو؛ ميان، وو وو ميان!

## ڪنهن ڪي پُڪاريان

ڪائي ناوَ نہ ناکئو!

ڪٿن هي سَمَرساتَ سان تار منجهان تاريان!
ڇا اڄ ويهي ونجھ سان ڳوڙها ڳل ڳاريان؟
پنهنجي پرينءَ پار ڪي واريءَ تي واريان!
ڪوبہ افق تي ڪونہ آ ڪنهن ڏي نهاريان!

اُڄَ اُسَٽ مانـڊِي

پيئي ڪٽي پيرڙا

ڪيڏي اوچي ڪوٽ ۾ بيوس آ باندي!
نہ سو وارن واسُ آ نہ سا سيراندي،
مورَ نہ ٿيندي مارئي هاٺي هيڪاندي-
جڳ ۾ تو هيءَ جندڙي آيل ڇو آندي؟

---

ڪيـن رڱ رڱان

تـو لئہ رتا مـولهيا!

تو ڪان، تاڻي ڪِينَرو، مٿو ڪيئن مڱان؟
چا هِي چڙهندا چوٽَ تي تنهنجا لِڱَ لڱان؟
چُپ تہ ٿي ويا چَپَ پَرَ چَوندو ڪير چڱان!

اَڳَ مٿان ڦلڙيون ٻهر مٿان ٻورُ
پو بہ پرين ڏُور

ڏونگرَ جي ڏاڪڙن لڳُ ڪيا ڇُورُ
پو بہ پرين دوُر

چاڱُ لٽي راتڙي پٽڻ ڪيو پُورُ
پو بہ پرين دوُر

چمڪ اڙي چنبڙا گهاٽ مٿان گهُورُ
هاءِ پرين دور!
هاءِ پرين دور!

---

مون کي ٽيون مارِين
ماري جِيئارين،
ڪاريون ڪَجريون اکڙيون

تارن پريون راتڙيون
جن لئه جَر هارين،
ڪاريون ڪَجريون اکڙيون

ڏينهن سارا ڏوجهرا
لاهي، اُجارين،
ڪاريون ڪَجريون اکڙيون

مون جي جهِپَ لڳي وجي
وَر وَر پُڪارِين،
ڪاريون ڪَجريون اکڙيون

سج لهي سانجهي ٿيو، سونا ٿيا سَرَ
پاڻ وجون ٿا وو ميان!
ڄڃي پيارَن پيڪڙا لاهي گهنگهر گهرَ
پاڻ وجون ٿا وو ميان!
ڪُڏڪيون ڪونجون روهه جون واءُ منجهان وَر وَر
پاڻ وجون ٿا وو ميان!
نہ ڪنهن سَمر ساٿَ سان نہ ڪنهن سانگ سفر
پاڻ وجون ٿا وو ميان!

آڇا نــــــه اوڍاءِ
رَتـــا لاهـــي ڪپـــڙا!

نہ مون روڪ رڪاب ڪان
گهــوڙي واڳ ونـــاءِ!

راتــاهي جـــي رات آ
رُت جي رِيت نياءِ!

ٻيرو ڪالهه ٻيا ٽيا
ڪهڙي ڪـــارڻَ لاءِ؟

پُنءِ ڪي چُمي پائڙا
لهوءَ تــلــڪ لڳــاءِ!
رَتـــا لاهـــي ڪپـــڙا!

---

راڻا جي رِڻَ جهاڳَ
پيڙا آڻِيــن پــاڳَ
تِن جي توهَ تڳي هيئون

وِڪَ وڏائـي واءُ جئن
جن جي هـٺـن واڳَ
تِن جي توهَ تڳي هيئون

ڏونگر مٺـان ڏيئڙا
جن جي اکيـن اڳَ
تِن جي توهَ تڳي هيئون

سِرجن ساونڻ مينهن جئن
جن جي ڇپن راڳَ
تِن جي توهَ تڳي هيئون

لِڪَ ڇپَ ڪئي لوءِ ۾
مون سان منهنجي ماڳَ
تِن جي توهَ تڳي هيئون

او شل آرهڙ سجَ ۾
چمڪي پِرين پاڳَ
تِن جي توهَ تڳي هيئون

ڇيـر پـئـي ڇمڪي
ڇَـڻ ڇَـڻ وُنـا مينهڙا

ڪڪر پـويـان وڄُ جو
ڇَهو ٿـو ڇمڪي
تِن جي توهَ تڳي هيئون

اُيُ انـتارو رنــٽــو
ٽـانـدو نــ ٽِـمـڪي
تِن جي توهَ تڳي هيئون

ڪيسين ڪوئي ڏيئڙو
رم جهم ۾ جهمڪي؟
تِن جي توهَ تڳي هيئون

مينهن وسندي مانَ
اڇن هو مهمانَ
متان وسامين باهڙي!

متان اُتر پار کان
اڇن کي طوفانَ
متان وسامين باهڙي!

متان رم جهم رات کي
ڏکڻ ڏئي ڏانَ
متان وسامين باهڙي!

پيهر وسن وَسَ سان
پنهنجا ماڳَ مڪان!
متان وسامين باهڙي!

# هائیکو

ڪرهلڙا ڪهجي!
جتي وَڻ ويري ٿيا
اُتي نه رهجي!

ويندي ونجهَه هَٽن
هِي جي مٿان مڪڙيءَ
آڙيون ٿيون آڏرن!

واڙيءَ ڦُلَ جيڏانهن!
ماءُ، ڪٿوريو ساٿِڙو
هيلَ ويو ڪيڏانهن؟

ڪارونجهر تي چنڊُ
ساجَن! تنهنجيءَ سار ۾
مون سان سارو مُنڊ!

مچي مياڻي-
ڪيڏيءَ سار سُڳنڌ ۾
نوري نماڻي!

ساروُن ڳلَ ڏيئي
ڪنهن سُپني جي تانگهه ۾
سُتِي سَنجهيئِي-

اڄا ووڙين ٿي؟
ڪتڻ ٿورا ڏينهڙا!
رنڍا روڙين ٿي؟

چرخي نه گهون گهون
پورهيت پُنا ڏينهڙا!
آتڻَ ۾ پوٽيون!

لَڪَن ڪَنَ لَنون،
ڪالهوڪا ڪَرها پيا
اڄا ڪُٽڪون ڪَن!

سسئي ڇا لئہ ويڻ!
جنهن ڪي لڪّ للاِتّ ۾
تَنهن جا کهڙا سيڻ!

"اُتَّ پنهونءَ جو؟ پارَ؟"
"ڪَتيون ڪاريءَ رات جون
"موتي منجھ مَهار-"

هميش تو سان
تارن يري راتڙي
هُوندس، هُوندس مان

مان ۾ تنهنجو نانءُ
تو ۾ ساهه سُکيو ٿئي،
تو سان هُري هانءُ

ڏوراپو ڏيئي
وَيو وَرتُ هٿن مان
توکي ڏسنديئي-

بَس، راتيون ڪاٽيون
هيل نہ مورن جون هيون
ڏونگرَ ڏياٽيون-

سَنڌو هِي سيڙهو،
پوءِ بہ چوڌاري هيو
ويڙهيچن ويڙهو!

ايڏا اوچا ڪوٽَ!
کهڙي واٽَ وني ويا
گهوڙن سوڏا گهوٽَ؟

ڏونگر جا ڏاڪا-
چڙهندا ويا چوٽَ تي
وينگس جا واڪا

او شل ويڙهَ وَسن!
چڙهيو ڏونگر چوٽيئين
مورَ ٿُهوڪا ڪَن!

او، شَل برسن بَر!
اڄ ٻـ اڱ جان اُڃَ ۾
ٿوهر مٿي ٿَر!

تنها آهيان مان
ها، پر گڏ پاڇي جيان
تون جو آن مون سان!

مون وٽ اَڄ بہ اَچن
ڳاڙها پيروُن مُند جا
ڪينگر منجھ ڪَچن-

سَرءُ، سانجھيءَ وَنَّ
پَن ڇَڻ ۾ ڪيڏا ڪَنا
پَنن مٿان پَنَّ!

ڇوھ نہ ڪوئي ڇَر،
آڙيون ڳاڙھيون اُپ ۾
ڪارَ سَرِي ڪينجھَر-

ٽِيهين ٽي ٽِمڪي
راڻاهي جي رات آ
چُپَ پئِي چمڪي-

ڪُتا ڀؤنڪن ٿا
ڪاري رات آڪٽ آ
چاري چؤنڪن ٿا-

سُنَ بہ ڪيڏي سُن!
مون وانگر چَڻ ننڊ ۾
پُن جهُڻ ڪَن ٿا ڪُن!

سَر تي تارا ڏِس!
۽ هي تن ۾ پوھ جا
پويان پارا ڏِسُ!

گهٽيون سڀُ گونگيون-
واڇڻ وِڳا اوچتو
لنگهن تي لونگيون!

ڪيسين رهندا ڪوٽَ؟
اُيري ايندا اوچتو
ڄارين جا ڄاموٽ-

ڪارونجهر چوٽيون
جن کي رڙيون مور جون
ڇُهي نـ موٽيون

ڪارونجهر ڪوريو،
اڃا پنڌ پهاڙ جا
ڏونگريو ڏوريو!

تون ايندينءَ پانيان،
ڪَڪا پَن ڪَنا ڪَري
دونهين ڏُڪايان؟

موٽون نہ موٽون؟
تو بن سانوڻ مينهن جون
پلَرَ پالوٽون!

گهنگهر ۾ گهاريون
ڪيسين تنهنجا سانورا
سنيها ساريون!

ٻہ پهري، ٻُوساٽ
وينا آهن واڙ ۾
ڳوڙا واريو ڳاٽ!

آڏي رات، آبوءِ!
هاڙهو هوت هٽي ويا
پرهہ نہ ڦُٽي پوءِ!

لوڙائُو لوچو
پوُنءِ ڦُٽي ڦاڪون ٿيئي
اِن ڪان اڳ سوچو!

گهاتو سوچ تہ يارَ
ڪنهن پَر ماريون مَڇَ ڪي
ڪنهن پَر وجهون ڄار؟

هاٿي ڪَپُ نہ ڪِڄُ
اڄ تہ ٻيهر هَر ڏيون
ٻيهر وجهون ٻِجُ!

ڏَنَ ڳـــرو ڏيـئـــي
جيئڻ لاءِ جيئڻون پيا
ميـــان مـــڙيـئِـــي!

ڇيهي کهڙو ڇيهُ!
مون لئہ سارو سنگهرؤن
هِـــي ڏاڏاڻـــو ڏيـــهُ!

ٻُـڌي ڄِـي ٻـاڪـار
لـوڙهي ڇڏي لُـــڙَ ۾
ڪـــاري ڪـــارونـيـــار

"ڇـا اڳتي ڪـر دڳ؟"
ڪـاري ڪـارونـيـــار ۾
پُـڇي ڪـونجـن وڳُ -

ڪنهن ٻ نہ چيو "جيءُ!"
يارو سڀ ڪاڏي ويَوَ
يارو ڪيڏو سِيءُ!

ڪويل ڪوڪي ٿي.
هاءِ وسائل آڳَ ڪي
ڪيڏو ڦوڪي ٿي!

سانجهيءَ جي ويلا،
ڪيڏو ڏور وڃي پيا
مارن سان ميلا!

رڙهي مانَ رسان،
اکيون ڪجه اڳتي ڏسو
گوندرَ ويرَ گسان!

اڄ نہ ڪنهن سان نينهن،
ڪُڪر ڇا لئہ ڇانئيا
ڇا لئہ وُٺو مينهن؟

ڪِـنـوڻ ڪِـنـوي ڇـو؟
آنءَ تہ پڇان ڪونہ ٿو
ڪنهن جو پارَ پٽو!

کـهـڙو سُـيـاٽـي!
اجـهـو لـٿـو ڏيـهـنـڙو
هـلـون ٿـا هـاٽـي-

سفـر سَـنّـاٽـو-
پـکـيـئـڙا پـرڏيـه جـا
اڏِ نــــــــہ آڏاٽــو!

پنهون نه پرياتِ-
سَهرا، راڳ، سُهاڳڻيون
مينديءَ رتي رات!

پنهونءَ پهاڻان
ڪيسين سڙنديئن سَجَ ۾
لاٽان تون ڪاٺان!

جڏهن پڄي باڪ!
جڏهن پِون مينهڙا!
سِگهر ڪيدي ساڪ!

جڏهن جُڙي جوڙ!
آئي مُند مَلار جي
مَجر مٿي موڙ!

ڪنهن ڪي تن جي ڪَلَ؟
رات هيا رَتَ ڳاڙهان
ڳـوڙها منهنجي ڳَلَ!

ڪَـنـا ڪـيـائـون
مـاري، واري مـارئـي
سـڳـر ۾ سـائـون

مـيـارون مـون ڪـي
ميان، مون نہ رکيو اجا
مـولهيـو مٿـي تـي!

پـڪـن منجهہ پـسـاهَ
سيرانديءَ کان مون ڳُري
آڏوري آڪـاهَ —

سَنمُڪ نہ سانگِي
هيءَ چانڊوڪي چيٽ جي
مون لئہ مهانگِي

ڇِئہ هي ڪنهن گهايون؟
هي جي اکيون ڇيرويون
ڪاريون ڪارايون!

پرڪي پوُرن ڪي
دليون ڳولي داسڙو
گهوُري گهوُرن ڪي-

ڇا هو پيا پَنڌِ؟
تون جو ڪانگ لنوين پيو
ايندا ڇا اڱنڌِ؟

ڪنهن ڪي ڪنڌيءَ ڪَلّ!
تکي سِير سمونڊ جي
آڌيءَ رات اُڇَلّ ـــ!

وِلهيءَ جا واڳي!
ڪُم ڄاڻان ڪنهن واٽ ڪان
ويندين ويراڳي!

ماڻهو سڀ موڙها،
اُپري سِڄَ اُڳهين جڏهن
ڳونن جا ڳوڙها!

تو جهڙن نہ پيارو
هو جو چوڏينهن چنڊ آ
تنهنجو اُتارو ــ

آئـي منهنجي گـهَـر
سونَ سَـرِيـڪـي سُـنـدري
ٻانهون جنهن ٻَـر ٻَـر

ڪـا رُتِ سَـرءُ مَـٽُ؟
ٽِڙيون سانجهيءَ ٽاريون
پـوپـاڙيءَ پـوپـٽُ!

ننـڊ ٻـ ايڏي ننـڊ!
سُتي مُرڪ نہ ماڪ جئن!
سُڻ سَڻ گهڙيءَ گهنڊ!

اي نيـرا آڪـاس
مون ڪي ڏي منهنجون اکيون
جيسين مون ۾ سـاس!

بس ھي پوپون نينھن
ٻہ ٽي تارا ٽَل ۾ ٽي
جوين ڪَتيءَ مينھن!

مٿان ڪَتيءَ چَنبَ
پٽرِ پاڇا نمَّ جا
مان ۾ سارو مَنبُ!

ڇا ڇا پرينءَ پَٽَ
ڪَنگُوءَ رتا ڪپڙا
مينديءَ رتا ھَٿَ!

پيارا وڇڙن ٿا —
رات گذاري اوچتو
تارا وڇڙن ٿا

تتي ڏينهن اُڌامَ-
پڳ پڳ پيلا گُلڙا
ڇَڻ ڇَڻ ڪنديءَ ڪامَ!

پيل گهاٽي ڇانوَ
ساسِي سي ننباڪڙا
ننبَ نہ رُڳو ڪانوَ!

واري منجهہ وٽاڻَ-
چنبُ پرھ کي پاند ۾
ھا پر ڪنهن کي ڇاڻَ!

تانگهہ تماچيءَ ڇا نہ!
هَنجر پيرين هلٽي
ڪينجهر متي ڪانہ-

راٺي ڙِي راٺِي!
نَڪَ سِنهين، مُنهن ڦُٽڙي
هِيءَ جا هارياڻي!

ماڪَ پِٺي پيئي-
رُنو چنڊ ڪجيءَ سان
ڳاٽُ ڳچيءَ ڏيئي

ڇا هي وَنيءَ وَرَ؟
ٻگهه ٻنيءَ ۾ واٽڙا
سارِين جو اوِهَرَ!

جَرَ ۾ جهلِمل ڪَن
سج چڙهي سان سِر ۾
ٽِيٽا ٽا ٽِلڪن-

اُتِي پوئين چنڊَ
نو ورني ننڍا ڪڙي
آئو پينهين جنڊَ!

ڪيڏِي مَن ياوَڪ!
سرتيون سانوڻ وَسَ ۾
سارين جي ساوَڪ!

نوُ ورني نئن ڳاج
ساري سانوڻ مينهن سان
هيءَ ٻـ تنهنجي ڏاج

جَهرجَهر چنڊن هارَ
پاتا ڪڪرين اُپ ۾
ڪيڏي سِجَ ڪِنارَ-

تـوڏن تـي تَـڙ پـپـڙَ،
پـٽـرائـيـن پـهـراڻ ۾
لَـڪَّ هـيـر يـا لـيـڙَ!

يـورا سـاڳـي پُـل!
ٽـٽـيءَ واريءَ پـيـرڙا
اکـيـن پُـسـيءَ ڳُـل!

اُنـي جـي آڏرَ
هوُ جي ڪنڌ ڪپار تان
ڪِـريـا مـنـجـهـ ڪلـر!

عـشـقَ بـ ايـڏي انـڌِ!
گهڙو يڳو ٻڏون ٻڏون ڪَري
پـوءِ بـ سُهـڻـيءَ ڪَنڌ!

نوريءَ نهاريون
اڙ- ڪتيل ڏاڱن اندر
اڙ- اُٽيل ڄاريون

وُنا ڪينجهر ڪَپَّ
نوريءَ ڇوڏاري ڇميا
ڄَڻَ تہ تماچيءَ ڇَپَّ!

ڳُل ڪي ساڳا وڏَّ،
ماڪ تہ ڏاڍا وَس ڪيا
ڏاڍا ڏنا ڏڏَّ!

رنگَ بہ ڪهڙا رنگ!
رُڱو ڪَلر ڪيت تي
پريان اچا ڪَنگ!

ڪيٽيون مِيارون
هي جي لهندي سِج جون
ڦورڙائي ڦارون!

ڏوانهين جا ڏَسَّ
هي جي پيرا پنڌ ۾
گودڙين جا گَسَّ

ٽارين گُل ٽِڙندا
وري انبن ٻُورَ تي
مَتوُڪر مِڙندا

وَسُ، وَسُ، وَسُ هيڪارَ
مارَن ڏَٺُ- ڏارَن مَٿان
ڪَڪر ڪارو نيارَ!

مون ئي ڪَٽي پُلَ
لوهيڙن ڳاڙها ڪيا
ڏاڙهياري تي ڳُل

سرتيون سَويريون
ڀِڪن ٻوڪا ڪينڊي
ڪوُهن ڪٽيريون-

# بيتَ

ڏينهن تہ ڪا ورندي!
ڇا سوچيٺ ڇا آهيان؟
آڻ سَرنِدي سَرنِدي؟

ڏينهن تہ ڪا ورندي!
ڏاڻ جهڙِي ڏيهہ تان،
رات ڪڏهن ٽرندي؟

ڏينهن تہ ڪا ورندي!
ڪلهہ جا وسامي ويٺي
ٻيهر نہ ٻرندي؟

ڏينهن تہ ڪا ورندي!
ٻي ڪا ٻيڙي ٻارِ ۾
ترندي نہ ترندي؟

ڏينهن تہ ڪا ورندي!
چارڻ! ڪيسين ڇُپ تو
ڱجهہَ اندر ڱرندي؟

****

اڇٽو آهين تون
ڪڏهن ايندين اوچتو
ڪائي چاڻ نہ مون!

اڇٽو آهين تون
اُتر ڪندو اوچتو
چيرين چڪارون-

اڇٽو آهين تون
ڪنن نوان ڪُنڊلا
لونگيءَ جون لهڪون-

اڇٽو آهين تون
اڄ تہ توسان ڳالهڙيون
اوريان اندر جون!

****

جـوريـا او جـوريـا!
جـي راڳـي رات جـو
ڏُسـڪـن ڏڪـويـا!

اڄـا تـہ آهـن
هي جي راڳي رات جو
چنـدرمـا ڇـاهـن

ميـان هـي مهـمانَ
هي جي راڳي رات جو
ڏُهـرا آڇـن دانَ-

اڪيـون تـن جـون اٽـڻَ-
هي جي راڳي رات جو
پـره تـائيـن پـٽـڻَ!

وڏا تن جا وَسَ
هي جي راڳي رات جو
جن جا گگڻ گَس!

تارا تن جا تَلَ
هي جي راڳي رات جو
ڪُونجن جا ڪَرِڳلَ

مَري نه مرڻا
هي جي راڳي رات جو
جهونجهڪڙي جهرڻا-

****

ڪنهن جي لاءِ ڪُرَن!
ننڍي نگر نينگريون
ڀنيءَ رات ڀُرن

کهڙي لوڪان لِڪَ
ننڍي نگر نينگريون
ڇم ڇم ٽَن جِي ڇڪَ!

ٽن سان پرهه پَلَ
ننڍي نگر نينگريون
ڳاٽين ڳاڙها ڳَلَ

وليون جئن ولهارَ
ننڍي نگر نينگريون
ٽڙي ڪٽن ٽارَ

آکيُن ڇا نہ اُڪاس!
نٽي نگر نينگريون
اَرھڙ جا آڪاسَ

اُپيون نہ اوراڙِ
نٽي نگر نينگريون
اوُتڙ ترن تار

ڪونجون جيئن ڪُٽکن
نٽي نگر نينگريون
چِتَ اندر چُٽکن

****

ڪڪر ڪارونيارَ
رُسامي جون راتڙيون
اڪيون ميگھ ملارَ

نيهي ننبد نہ ڪَن
رُسامي جون راتڙيون
جُھڙ ڦڙ ۾ جِھمڪن

سارون ٿي سارون
رُسامي جون راتڙيون
ڦوڙائي ڦارون

گونجيا تَلَّ تلاوَ
رُسامي جون راتڙيون
ڪونجڙين ڪُرلاوَ

واسيائون چو وار؟
رُسامي جون راتڙيون
مونٽئي ڄي مهڪار!

تارا چو تاڙن؟
رُسامي جون راتڙيون
ڳوڙها چو ڳاڙن؟

کھڙا؟ ڪير رنل؟
رُسامي جون راتڙيون
ڪِن جي لاءِ ڪُنل؟

****

سانگي ڪيئن سُڪي؟
رَهن ريلن ڪَنٽئين
ڪائن رَبّ رکي!

سانگي سُڪ ڇَنن؟
مارَن مُرڙ نہ ميڙيو
ککرَ ڪڙڪا ڪَن!

اڄ نہ ڏوُنرن ڏاتِ
سانگي اهڙا سانت ۾
موت ڪيا ڇڻ ماتِ!

هيءَ لاڪيٽي لوءِ،
سانگي سانگُ ڇڏي ويا
وو وو ميان ووءِ!

وو وو ميان ووءِ!
تر ۾ تڏو ساھ ڪو
راتيان ڏينهان روءِ!

****

لَـــنءَ جي ڪنهن لاڙي
لَـنءَ ڪـي وري لاڙيـو
پـنـهـــوارن پــــاڙي

تــنـــوارون تـــاڙي
پوءِ بــ نــ پيا مينهڙا
پـنـهـــوارن پـــاڙي

سـجَ پـيـو ســاڙي
چَنـو ڪـوئـي چـانـورو
پـنـهـــوارن پـــاڙي؟

ڏِگَ مُـٹــــا ڏاڙي
لاش مٽــيءَ ۾ لـوٹـيـا
پـنـهـــوارن پـــاڙي

ڏني ڍاڙي
هينڌا هاڃا ٿي ويا
پنهوارن پاڙي!

اَندرَ اُجاڙي
سڃا پرتا سڄ سان
پنهوارن پاڙي

ماروِيون ماڙي
گهرگهر عُمر ڪوٽ آ
پنهوارن پاڙي

ٿاڻ جڏهن ٿاڙي
وسي ڪوئي وڏڦڙو
پنهوارن پاڙي!

****

آکيان ڇا آئون
ڪيڏا ڪَنڊ ڪپارَ تان
لِٽي لاٿائون!

آکيان ڇا آئون
ڪيڏا ٻيڙا ٻار ۾
ٻوڙي تاريائون!

آکيان ڇا آئون
وه وا ڪهنبر ٻاڪ جو
لَڪن سان لائون!

آکيان ڇا آئون
ڳاڳين ڳوڙها ڳلڙا
ڇپُن تي ڇائون!

آکيان ڇا آئون
مون کي ماري ماڳ ۾
ڇا ٿي سوچيائون!

****

"اُرهَ سُرنگي نينگري
ڳولين ڇا ٿي تون؟"
"ڇوليون ساگر جون"

"اُرهَ سُرنگي نينگري
ڳائين ڇا ٿي تون؟"
"ٻوليون ساگر جون"

"اُرهَ سُرنگي نينگري
ساگر انت نه پار!"
"ڪارو ڪارونيار!"

****

هـرڻَ اِڪـي ڪيـڏانهـن؟
رائـو ســارو رُڃَ آ"
"آءٌ وجـان تيـڏانهـن!"

"هـرڻَ- اِڪي ڪيـڏانهـن؟
تتـــر ڪـــرڙي اُيَ ۾"
"آءٌ وجـان تيـڏانهـن!"

"تَـلَ اِتـي تيـڏانهـن
سـارس ڪالـه ڪـريـڙيـو
هَـرڻَ- اِڪـي هيـڏانهـن!"

****

اَمـــر ڪـــارونـجـهـــرَ
ڇـا هـو مـور مـري ويـا
ڏيـئـــا جـــي ڏونـگـــرَ؟

اَمـــر ڪـــارونـجـهـــرَ
راسـوڙي جـون راتـڙيـون
ٻَـريـون نــ ٻـيـهــرَ!

اَمـــر ڪـــارونـجـهـــرَ
اَڄ نــ وِيــراواھ تـي
ڪـــارونـيـــارَ ڪـڪـرَ!

اَمـــر ڪـــارونـجـهـــرَ
ٻـــاٻـيـهـــا، رَتَ ٻـنـڪـيـا
اَڄ بـــ تُـنـهـنـجـي تـــرَ-

آمر ڪارونجهرَ
ڪانگَ اُڏائي هَٽڙا
ٽڪا مٿي ٽَرَ-

آمر ڪارونجهرَ
ماروءَ پويان ڏينهڙا
ڍولي ايڏي ڍَرَ!

آمر ڪارونجهرَ
آيو سِجَ ڪپار تي
ڪيسين ننڊَ نگَرَ؟

آمر ڪارونجهرَ
ڪيڏي نِنڊَ نگر آلا
ڪيڏي نِنڊَ نگَر!

****

مون سوچيو "درياهه ...
"ڪَپر اڳيان ڪيترا
"ڪندو ڪُنَّ اَٿاهه!"

مون سوچيو "طوفان...
"پاڙئون وڻ پٽي وجهي
"اهڙو ڪو امڪان؟"

مون سوچيو تارا....
"ڪيسين جُهڙ جي جهاڳ ۾
"ڏيندا ڏيڪارا؟"

مون سوچيو "واريان
"سارو لکيو ليک جو،
"يا ٽاٽو ٽاريان؟"

تو سوچيو "هو ماڳ
"اڃڻ آهي اوچتو!
"جاڳ اِيا ڪجهه جاڳ!"

****

## نظم

●

ڪيسين پرندا
نيٺ تہ ٺرندا
ڏينهڙا
نيٺ تہ ورندا
ٿر تي ٿڌا مينهڙا
نيٺ تہ ايندا ڪوٽين وانگر
ترندا ترندا ڏينهڙا
نيٺ تہ پشمَ پُوٽين وانگر
جر ٿر ورندا ڏينهڙا
ڏونگر ڏونگر ڪيسين ڏرندا ڏينهڙا!
ٽِڙڪي ٽرندا ڏينهڙا
ساجن تو بن ڪيسين سرندا ڏينهڙا!
پور جهليندا، ميوو ڏيندا، نيٺ تہ ڦرندا ڏينهڙا
نيٺ تہ ورندا ٿر تي ٿڌا مينهڙا
ٿر تي ٿڌا مينهڙا
ٿر تي ٿڌا مينهڙا

****

# نثري نظم

●

ويھ سال ٿيا آھن
مان ۽ ڪارونجھر ھڪٻئي کي ڏسندا رھندا آھيون،
نہ ھو اُتان چُريو آھي
نہ مان ئي چُريو آھيان-
ھر چُرندڙ پُرندڙ جيءَ وانگر
ھو بہ اُداس ٿي سگھندو آھي:
ڪنھن وقت مور پُڪاريندا آھن
تہ ائين لڳندو آھي
ڄڻ ڪا ديوداسي
ڪنھن سُوني مندر ۾ ڏيئا ٻاري
واجھائي رھي آھي ڪنھن لاءِ:
ڪنھن وقت ساونڻ جي موسلا ڌار مينھن ۾
ھو زارون زار روئيندو آھي
۽ اُن جي پرسان وھندڙ نيون
اُن جا ڳوڙھا پنھنجي سيني ۾ سانڍي
سڏڪا ڀرينديون وينديون آھن،
ڪنھن وقت طوفان ۾
اُن تي اُيريل ڪرُنڀٽ جھولندا آھن

تہ ائين لڳندو آهي
تہ هو پنهنجا وار پٽي رهيو آهي-
هي ڪارونجهر، جو منهنجو پياءُ آهي،
جو مون جئُن اڏول آهي
۽ مون جئُن اُداس آهي.

****

●

مان پنهنجو وقت گذاري چُڪو آهيان
منهنجا نوجوان دوستو!
هاڻي مون تي ڪائي ميار نہ آهي.
هاڻي چانڊوڪيءَ ۾ چميون اوهان لاءِ آهن.
ماڪ ۾ پنل منهن اوهان لاءِ آهن،
ٻاڪ ڦُٽيءَ جو نندا ڪڙا پاڪر اوهان لاءِ آهن،
مان پنهنجو وقت گذاري چُڪو آهيان،
ڪنڌيءَ تي سڙهہ سنباهيا بيٺا آهن،
هو جي جَر- ڏيئا مُوهينديون هُيون
مون اُنهن ڪان موڪلائي ڇڏيو آهي؛
ڪنيار جا هٿ
يا قاصد جا پير
سڀ توهان لاءِ آهن، منهنجا نوجوان دوستو!
۽ اوهان لاءِ آهن پڳهر جا ڦڙا، جي پيڙا
۾ نرڙ تي اچي ويندا آهن،
۽ گو ليون
جي ظالمَ خودشناس مظلومن کي هڻندا آهن.
اوهان لاءِ آهن ٽبرن تي ڪتبا،
زندانَ، زنجيرون،
ڪال ڪوٺڙيون، ڦاسيءَ جا ڦندا-
سيڪجھ اوهان لاءِ آهي
مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان-

****

●

تون جتي بہ هوندينءَ، اُتي مان تو وٽ هوندس.
مان تو ۾ آهيان ۽ اُتي ئي ڪنهن لاءِ جاءِ نہ آهي.
توکي هر نهار ۾ منهنجا نيڻ نهاريندا نظر ايندا،
هر آواز ۾ مُنهنجو آواز ٻُرندو ملندو،
تنهنجيءَ هر ڏياريءَ ۾ منهنجي جوتي جلندي رهندي
۽ هر هوليءَ تي تون منهنجي رنگَ ۾ رڱيل هوندينءَ؛
جي تون ڪوئي ڪتاب پڙهندينءَ
تہ مان اُن جي آکرن مان اُڀري ايندس،
۽ منهنجي ڪويتا تنهنجي هردي ۾ هُرندي رهندي،
مان هير وانگر تنهنجيءَ دريءَ مان تو وٽ ايندس
۽ جي تون دري بند ڪري ڇڏيندينءَ،
تہ مان طوفان ٿي ايندس
۽ اُن جا تاڪ ٽڪرا ڪري ڇڏيندس،
۽ مان توکي، تنهنجي جيون کي،
تنهنجيءَ آتما کي ڏونتاڙيندس!
تون ننبد ڪري نہ ٿي سگهين
جيستائين مان جاڳان ٿو،
تو ۾ جاڳان ٿو-
مان جو تنهنجي آتما آهيان
تون مون کي وساري نہ ٿي سگهين.

****

●

اي رني ڪوٽ جا پٿرو!
هي وڻ جي اوهان ۾ پٿر ٿي ويا آهن
اُنهن جي ڇانو ۾ ڪير ڪير ويٺا ها؟
اُنهن جي لامن تي
ڪهڙن ڪهڙن پکين لاتيون لنويون هيون؟
اُنهن ۾ ڪهڙا ڦل ڦول ٿيا ها؟
اي ڌرتيءَ هيٺان پٿرو!
ڌرتيءَ مان ٻاهر نڪري اچو!
جٺهن گهاٽا جهڙ ٿين
۽ مينهن جون اوڙڪون وسَن
۽ پاڻي نئن موهن ۾ اوڙانا ڪري وهي،
اچا وڏيڪ ٻاهر نڪري اچو!
اوهان، جي اسان جي تاريخ آهيو
۽ اڃا تائين اسان کان لڪل آهيو،
اسان اوهان کي ڏسڻ چاهيون ٿا.
پاڻ سان اُهي بهار ڪٺي اچو
جن ۾ اهي پٿر ٿيل وڻ ڦولارجي پوَن،
۽ اسانجين اکين کي ٺڏاڻ بخشِن
(اسان جون اکيون جي لُڪن لوساٽي ڇڏيون آهن)
۽ پنهنجيءَ ساواڻ سان
هن ڌرتيءَ کي لهلهائي ڇڏِن!

****

●

هي ٽڙ جا ڪوھ
جن جي گهرائي ڌرتيءَ جي دل تائين پهچي ٿي
۽ جي اُن نيري مهربان آسمان کي،
جنهن ۾ بادل پرجهڻ وارا آهن،
ڏيکارن ٿا ڌرتيءَ جي دل
جا رت ۾ ٻُڏل آهي،
۽ جنهن ۾ ڏينهن جو ڪروڙين ڪرڻا
پنهنجا تير ڇُپائي وڃن ٿا.
اي ڪارونڀار!
تون ڪڏهن اڇُو آهين؟
ائين نہ ٿئي تہ ڪوھ سُڪي وڃن
۽ ڌرتيءَ جي دل
ڌرتيءَ ۾ ٽُٽڪي مري وڃي!

****

●

اوهان جهوني بڙ وانگر آهيو
منهنجا ماروئڙو!
اوهان جون جڙائون، اوهان جي ڇانوَ، دور دور تائين ڦهليل آهي
۽ مان ڪويل جي ڪوڪ وانگر
اَن بڙ جي پن پن ۾ ڏڙڪڻ چاهيان ٿو
۽ اُن جي جڙُن تائين پهچڻ چاهيان ٿو-
جڙون، جي ڌرتيءَ ۾
دور دور تائين وڃن ٿيون،
منهنجا ماروئڙو!

****

●

مون کي پالوا پهچڻو آهي
جتي مارئي جائي هُئي،
پالوا، جو ڏاڍو ڏور آهي،
ڏاڍو هيڪلو آهي.
آسمان ۾ پونم جو چنڊ آهي
۽ مان پنهنجي ڪاري گهوڙي کي اُڙيءَ تي اَڙِي هٽي رهيو آهيان،
جو تہ مون کي پالوا پهچڻو آهي.
مان پنهنجي مارگ ڏانهن ويندڙ سيئي دڳ ڄاڻان ٿو،
پر مان پانيان مان پالوا پهچي نہ سگهندس.
اُتر ڪان ڪنوڻ ڪجي رهي آهي،
ڏهر ۾ ڏيئا ٽمر ٽمر ڪري رهيا آهن،
۽ منهنجو ڪارو گهوڙو آڪاس ۾ چنڊ سان شرط پُڄائي رهيو آهي،
۽ پاڻ کي
تيز هوا وانگر پڄائي رهيو آهي،
پر پريان پٽن تي موت وسيهر وانگر چپ ماري وينو آهي
۽ مون کي گهوري رهيو آهي،
اُف، هي سفر ڪيڏو نہ اٿائو آهي!

اُف، هي رستو ڪيڏو نہ لنبو آهي!
اوه، منهنجو ڪارو گھوڙو، جو پڳھر ۾ شل آهي!
انسوس، ڀڻن تي موت منهنجي انتظار ۾ آهي
۽ مان ڀالوا پهچي نہ سگھندس.
ڀالوا، جتي مارئي ڄائي هُئي
ڀالوا جو ڏاڍو ڏور آهي، هيڪلو آهي.

****

●

هو پنهنجو گهر ناهي رهيو هو،
هُن جي ماءُ هن کي اکين ۾ گهوري ڏٺو، ته هُو ڪيس اجنبي لڳو،
۽ پوءِ اکين ۾ ڳوڙها آڻي هن کي چيائين،
"تو پنهنجي پيءُ جو گهر نه ڏٺو آهي، تڏهن تون هتي پنهنجو گهر ناهي رهيو آهين،
جي تون پنهنجي پيءُ جو گهر ڏسين ها ته هتي گهر نه ناهين ها!
منهنجي مجين ته ڪائي ڪکائين جهوپڙي اڏ ته اُها ڪنهن به وقت اسان ٻڌتر ڪان سوا ڇڏي سگهون.
ڇو ته اڳي، پو اسان کي تنهنجي اباڻي گهر موٽي وڃڻو آهين."

****

●

هي مردَ
جي توکي بنان پردي
بازار ۾ خريداريءَ لاءِ وٺي وڃن ٿا،
ڪلب جي دعوت ۾ شريڪ ڪن ٿا
۽ پوءِ پنهنجي ذهن جي حرم سرا ۾
ڍڪي ڇڏن ٿا،
اُنهن کي ٻڌاءِ
تہ تون اُهي پردا ٻہ لاهي سگهين ٿي،
جي تنهنجي ذهن تي
صدين کان وڌا ويا آهن؛
تہ تون
حرم سرا جي ڪنيز نہ آهين؛
تہ هي مرد
جي هن نظام جا خواجہ سرا آهن
توکان ڪمتر آهن
حقير آهن
غلام، ابن غلام، ابنِ غلام آهن.

****

●

رات جو پوئين پهر آهي
هو ڦاسيءَ جي رسيءَ ۾ لڙڪي رهيو آهي؛
لُڙيءَ ۾ هن جا پير اگهاڙا آهن،
پير، جي تخت تان لهي
تختي تائين پهتا آهن،
۽ هاٿي مُڙي ويا آهن
۽ ڪنهن سوڙهيءَ گهٽيءَ جو رستو ڏيکارن ٿا.
مان اُنهن ٿڌن پيرن تي
پنهنجا ڪوسا هٿ رکي سوچان ٿو،
"جي مان هن کي جاڳايان، ته ڇا
هو پنهنجو منهن مون کان لڪائيندو؟
هو، جو ڏرتيءَ جو ڏنار هو،
ڇا هو اِهو مڃيندو ته رڍون
۽ ٻڪريون گڏ نه پالبا آهن؟"

****

●

طوفان، جو عظيم مؤذن آهي
اُن جي اذان اچي رهي آهي.
هو گهران نڪرن ٿا ۽ تند و تيز بارش ۾ وضو ڪن ٿا
۽ پـريـان سبـزه زار هُـنـن ڪـي هـڪ وسيع ۽ عـريـض مسجد
وانگر لڳن ٿا.
۽ دريائي سنڌ زمين تي جاءِ نماز وانگر وڇايل آهي.
اي من و سلويٰ جا متوالو!
ٻُڌو! طوفان جي اذان اچي رهي آهي!
سر بہ سجود ٿي وڃو اُن عظيم حقيقت جي اڳيان،
جا ناگزير آهي،
جنهن کان ڪائي راهِ فرار نہ آهي!

****

●

## (فيض جي ياد)

رقص ۽ شراب جو دور هلي رهيو آهي؛
ڇت مان بجليءَ جا فانوس جهرمر ڪري رهيا آهن،
فرش تي هم مشرب ۽ همخوار رقص ڪري رهيا آهن
۽ اُنهن جو نهارون پيالن ۾ چمڪي رهيون آهن.
۽ اُنهن جا ڳل پيالن جي ڄَر سان ڄَرڪي رهيا آهن.
اڄ تون ڪٿي آهين!
ڪيڏو دور اونداهيءَ ولهه هيٺان سُتل آهين
پاڻ ۾ پنهنجيون گرم روشنيون سمائي!
۽ تنهنجي لحد جي ٻاهران
ڪاري رات
هڪ ڇتي ٻگهڙ وانگر رومڙ ڪري اُبري آئي آهي!
فيض، منهنجا ياءُ!
آءُ ته پنهنجي غم ۾ ساري ڪائنات غرق ڪيون!
اسان، جي مِٽي آهيون،
ڪجهه ٻه نه آهيون،
ڪجهه ٻه نه ڏانهن واپس ورڻا آهيون،
۽ پوءِ ٻه سيڪجهه آهيون،
۽ پنهنجي جامِ شراب ۾
ساريءَ ڪائنات کي غرق ڪري سگهون ٿا.

****

●

مون کي ياد اچي رهيون آهن
سوراچند جون نڪراٽيون
اُنهن جا ڏکيا ڏکيا ڏند ۽ سنهيون ڳچيون،
اُها ڪونجن جي قطار، جا ماضيءَ جي
طوفان ۾ ويڙهجي چُڪي آهي؛
۽ لُوهه ۾ لاٽين کي
اُنهن جون سون ورن ٻانهون ياد نہ آهن،
۽ هڏيا پنهنجي هُونگار ۾
اُنهن جا گيت وساري چُڪا آهن؛
پر مون لاءِ ڪنهن پن جي چُرپُر،
ڪڻي هوا جو جهونڪو
اُنهن کي پُڇڙ تاري جي لاٽ وانگر
سمنڊ جي گهور انڌيري مان
ٻاهر ڇڪي آڻڻ لاءِ ڪافي آهي.
ڪاش مان اُهي راسوڙي جون راتيون ٻيهر ڏسي سگهان
جي اچا تائين
منهنجي من ۾ ٻري رهيون آهن!

****

●

هائو، اسان ننيا آهيون
رائيفل جي ناليءَ ۾ گوليءَ وانگر-
هائو، اسان ننيا آهيون
لوڻ جي چپٽيءَ وانگر
جنهن کان سوا
دسترخوان اجايو لڳندو آهي-
هائو، تون وڏو آهين
پوليءَ پهاڙي وانگر
جنهن جو اندر کاڏل آهي
۽ جا ٺهڪو ڏيندي دير ئي نہ ڪندي آهي.

****

●

بکارڻ،
اڌ اُگهاڙِي،
ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي آهي
۽ ڌرتيءَ تي ڪِرندڙ مينهن ڦڙا
جڻ سُئي ڌاڳي سان
هن جا ڦاٽل ڪپڙا سبي رهيا آهن.

****

●

منهنجو ديس اڃا مون کان دور آهي،
اُن ۾ نيري آسمان هيٺان سايون ٽاريون آهن،
اُن ۾ نه ڪنهن جي دل ڏکايل آهي،
۽ نه ڪنهن جو مٿو سوُر ۾ ڏري رهيو آهي،
اُن ۾ هر ڪنهن کي بارش ۾ ڇت آهي
۽ بکايل ڪانوَ کي اُجلاڻ لاءِ مانيءَ ڀُڳيو آهي،
۽ اُن ۾ ڏنبورَ درياه جون لهرُون ٽپي ويو آهي،
۽ اُن ۾ ماڻهوءَ جا پساهه پيار ۾ ٽُب آهن؛
زندگيءَ سان ڪنهن کي به شڪايت نه آهي،
جي ڪائي شڪايت آهي
ته موت سان آهي.

****

●

نہ ڪوئي خوف آهي،
نہ ڪنهن جلاد اڳيان گردن آڏيءَ تي آهي؛
آه، هي شاعري!
آه! هي ڪوڙي تسليّ!
جڏهن آءٌ ڪنهن طوايف جي ڪُلهي تي
ڪنڌ لاڙي رهيو آهيان
۽ مون کي ڪِريءَ نہ ٿي اچي
اُن جي وارن جي
باسي خوشبوءَ کان!

****

●

ڇا، هتي آزادي ڪانہ آهي!
گدڙ آزاد آهن
مڪيون آزاد آهن
هتان جا دانشور آزاد آهن،
شاعر ٽي-ويءَ تي نعتيہ مشاعرا ڪن ٿا،
هي هاري آزاد آهي،
جي چاهي تہ پنهنجي مٽي مان جوئان پلي نہ ڪيي،
هر ڪوئي آزاد آهي، آزاد، هن ڏرڙ ڏرڙ ڏرتيءَ تي-
ڏرڙ جن ۾ نانگ لڪي ويندا آهن
۽ بگهڙ پنهنجا ٻچا ڪندا آهن.

****

●

ڏيئي ٻري جي محل آهي،
درين جا ڏنڌلا شيشا اُنهن اکين
وانگر لڳي رهيا آهن جي اُتي
پونديون آهن،
۽ شيشن جي پٺيان ماڻهو آهن جن جا
چهرا اُداس آهن، ڏورانهان آهن؛
ائين ٿو لڳي ڄڻ سنجها پنهنجا پَنک
پساري آڪاس ۾ لين ٿُي ويئي آهي،
۽ اڳتي رستن تي نگاهون وڇي رهيون آهن،
درين جي اُتيل اکين جون
جن جي پٺيان آهن
اُداس، ڏورانهان چهرا.

****

●

ٻيڙي وچي رهي آهي
* ڪوبر، ڪيدي واريءَ، ڪيٽي بندر-
ڀَلَ تي ڇيٽا ولر ڪري ويٺا آهن؛
سامهون منهنجيون اکيون توکي ڏسن ٿيون
منهنجا ديس!
تون جو ڏرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ ۾ لڙڪي رهيو آهين،
۽ ڪنهن وقت بہ نيرين ڇولين ۾
هيٺ ڪرِي
ٻڏي سگهين ٿو؛
اجا تہ آڪاس هيٺان ۽ ڌرتيءَ مٿان تنهنجي راڄڌاني آهي.
ڏس، هوءَ شفق تولاءِ ڪهنبو اوڙهي آئي آهي
۽ ڪکر گرٻيءَ جون شلوارون پائي نچي رهيا آهن!
هي ڪنهن جو هٿ آهي، منهنجا ديس،
جو توکي ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ تي
جهلي بيٺو آهي،
۽ توکي نيري پاڻيءَ ۾ ڪرِي ٻڏڻ کان بچائي رهيو آهي؟؟؟

****

---

* ڪوبر، ڪيدي واري، ڪيٽي بندر- سنڌوءَ جون شاخون، جي سمنڊ ۾ پون ٿيون.

●

سنڌو
پنهنجو پاڻهون ٿهلائي
سمنڊ ڏانهن وڃي رهي آهي،
۽ چُپ چپات ڪي
پنهنجن ٽَنهن سان چيري رهي آهي
۽ اُن جا ٽَنهَن
ڪنهن بانوريل واڳوءَ جي ٽَنهن وانگر لڳن ٿا؛
۽ هاٿي هوءَ اوناڙون ڪري رهي آهي
جيئن بڪايل بگهڙَ
چانڊوڪيءَ جي
لس ليٽ ۾ ڪندا آهن-
سمنڊ سامهون نظر اچي رهيو آهي.
سنڌو هڪ آئيني وانگر آهي؛
اڪويهين صدي اچي رهي آهي
۽ مان اُن جي تصوير
سنڌوءَ جي شفاف سطح تي ڏسي رهيو آهيان.
اڪويهين صديءَ جي باک اڳ وانگر نہ آهي،
اُن جي ڇهري تي رت ڳاڙيندڙ رهڙون نہ آهن؛

پاڻيءَ تي سورجُ
مارٽيءَ جي مُرڪ وانگر اُيري آيو آهي؛
ٻيڙيون پنهنجا وکر وهائي رهيون آهن،
۽ ناکُئا منهنجا اُهي گيت ڳائي رهيا آهن
جن جا زنجير ٽُٽي چڪا آهن-
مهان گيت
جي ڪارونجهر جي چوٽين وانگر آهن
۽ جن جا سُرَ
ڪارونجهر جي آڱرين وانگر
آسمان ڏانهن امر اشارا ڪري رهيا آهن؛
۽ آزادي
هڪ سپاهيءَ جي ننگي سيني تي
لينٽيل ونشيا وانگر نہ آهي.

****

* ٽـر ۾ چوندا آهن تـہ جڏهـن ٻـڪـرار ڪـنـوڻ ڪِجنـــدي آهي،
ٽڏهن واسينگ نانگُ (جو ٻـر ڪان ٻاهر وينو هونـدو آهي)
ڪنوڻ ڏسي ٻر ۾ موٽي ويندو آهي ۽ اڃان هن جو پُڇ ٻاهر
ئي هوندو آهي تہ مينهن پوندو آهي.
منهنجا قلم! ڇا توکي بہ مينهن پوڻ جا پروڻ پيا آهن،
جو تون قلمدان ۾ موٽي ويو آهين؟
اڃا تہ ڪِنوَڻ بہ نہ ڪِجي آهي!

****

تون پنهنجيءَ ڳچيءَ لاءِ
رسي وٽي رهيو هئين
۽ توکي
اُن جو پتو بہ نہ هيو!

****

---

* ٻڪرارِ- اُتر جي ڪِنوڻ

●

ڇا آئيمُ
چين ۾ انقلاب کي رد ڏِئي سگهيو؟
تون اُن جو نالو کڻڻو بہ رکين
آئيم انقلاب جو رد نہ آهي.

****

●

عقاب کي پيتي آڇي رهيو آهين!
شايد توکي پنهنجيون اکيون پياريون نہ آهن!

****

●

مان پنهنجي آهني ارادي جي
سنگِ لحد تي
مٿو رکي
روئي رهيو آهيان،
۽ سرءُ جي چانڊوڪي
مون تي پنهنجو ٻاجهارو هٿ رکي،
مون کي آٿت ڏِئي رهي آهي.

****

●

پو ڳائيءَ تي بڇي ويندين؟
پوڳ پوڳ ۾ سچ ٻُڌائي رهيو آهين!

****

●

مينهن ۾ وهنجي رهيو آهين!
ڪچي جي ۾ مينهنَ
تہ ڪيترائي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيا آهن!

****

●

ايڏي تڪڙ؟
ڇا تون وقت سان شرط ٻڌائي رهيو آهين؟

****

●

ڪمند ڪي ڏند هجن ها تہ پاڙ ڪي چلي وجهي ها.

****

●

ڪامريڊ لوهہ جي گهوڙي ڪي نعل نہ هوندا آهن!

****

●

ڇا، اُنهيءَ اک
جنهن مان ڪڏهن به ڳوڙهو نه وهيو آهي،
دنيا ۾ ڪجهه ڏٺو به آهي!

****

●

مون سان سودي بازي ڪرڻ ٿو چاهين؟
ڇا ٿو ڪنهن وڻ کي
پنهنجي ڇانوَ وڪڻندي ڏٺي آهي؟

****

●

مان هڪ ننڍڙو ڏيئو آهيان
جڏهن ستارا سياري جي مينهن ۾ لڪي ويندا آهن
مان ٻرندو رهندو آهيان.

****

●

سمنڊ ڪي پنهنجون گهٽيون آهن،
سوڙهيون ۽ ويڪريون،
جن ۾ آواره مڇيون
چڪر ڪاٽينديون آهن.

****

●

آسمان ماڪيءَ جو هڪ وڏو مانارو آهي،
جنهن ۾ ڪروڙين ستارا پيون پيون ڪن ٿا.

****

●

ڇا، تو ڪائي وينگس ڇڄ ۾ ڪرٽا ڇڙيندي ڏٺي آهي؟
ڇا، تو ڪڏهن مانيءَ جي ميز تي ماڪ جو وڏو ڏٺو آهي؟
ڇا، تو ڪڏهن هٿ ائين ڏوتا آهن
جيئن برسات ۾ تُلسيءَ جا پن ڏوپندا آهن؟
ڇا، تو اُهي نينگريون ڏٺيون آهن جن ڪي
چانبوڪيءَ مان مَروي جي سُڳنڌ ايندي آهي؟
ڇا تو اُهو پيرو ڏٺو آهي
جنهن ۾ روشني ڪنهن زخمي پرندي وانگر
پر ڦڙڪائيندي آهي؟
ڇا، تو اُها ڏاڪڻ ڏٺي آهي
جنهن تي چڙهي عشق آسمان جي
ڪنهڙي تان ڏرتيءَ تي هيٺ
ڏسندو آهي؟

****

●

تنهنجيءَ دل ۾ ٻُڪَترَ ڪنهن گهايل تتر
وانگر پرَ هڻي رهي آهي،
۽ پيوءُ ڪير ٽڙ جي پهاڙن وانگر اُيري آيو آهي.
ڇا، تون اِهو نه ٿو ڄاڻين
ته جي تنهنجي شاعري
ڪنهن ڪرائي جي ڪمري ۾ نه رهي آهي،
ته هي اجنبي شهر
تنهنجو پنهنجو ٿي ويندو.

****

●

هِلِ ڇيڙن جا گيت ڳائيندي
ڪرس- گهر جي مٿان
پر پکيڙي اُداسي رهي آهي؛
اُها ڇا ڄاڻي
ته ڪريلين ڇو ڪوڪنديون آهن!

****

●

ڇا مرون ٻہ ستارن کي ڏسندا آهن؟

****

●

جڏهن تون چوين ٿو، "ٻہ" -
تڏهن ٿون چاهين ٿو
تہ "هڪ" کي خون ڪيو وڃي.

****

●

مون وٽ اهڙائي ڍڳا آهن، جهڙا موهن جي دڙي ۾ هئا:
ٻاڪ ٿئيءَ جو مان اُنهن تي پاڇاري رکان ٿو ۽ پنهنجي
ٻني کي هر ڏيان ٿو؛
منهنجا اُگهاڙا پير ماڪ ۾ آليءَ ڪيڙي کي
ڇهن ٿا، تہ منهنجين اکين جي روشني وڌي وڃي ٿي
(منهنجيون اکيون جن ۾ سارين جا انبار آهن،
جي ٻيءَ منڊ ۾ لهڻا آهن ۽ جي سڀ مون کي نہ ملڻا آهن).
مان منجهند مهل ڏنوٽي زور سان ڦوڪيان ٿو،
۽ ڪاري لوهہ کي رڃايان ٿو، جو هاڻي ڪنهن غضب ناڪ
غصي وانگي تپي، ڳاڙهو ٿي ويو آهي.

منهنجيءَ اوطاق ۾ شام جو ميڙو مچي ٿو،
۽ مان اُهي گيت ڳايان ٿو، جي ڪويل کي ڳائڻا آهن
(مان ڄاڻان ٿو تہ ڪويل جا گيت، اڄ يا ايندڙ اونهاري
ساڳيائي هوندا)
مان رات جو سنتوءَ ۾ اوجهاڻ وجهان ٿو،
۽ پوئين پهر جو اُنهن مان پلا ۽ ستارا ڇڪي ڪيان ٿو.
منهنجي ڇوڏاري جو ڪجھ ٿي رهيو آهي،
اُن لاءِ مان پاڻ کي ذميدار سمجهان ٿو.
پنهنجن جون پرکون لهڻ وارا!
ڪنهن وقت مان پنهنجو وجود تو ۾ ائين وڃائي
ڇڏيندس، جو روهڙيءَ واري بيدل کي بہ اها
* رمز مون کان سکڻي پوندي
ترس، مون اڃان پنهنجي ذميداري پوري نہ ڪئي
آهي،اڃان مون کي تو لاءِ فرصت نہ آهي.

****

---

* سِڪَ رمز وجود وڃاوڻ دي
ڪانهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي

●

ڪاش! مون وٽ اهڙي جادوءَ جي لڪڙي هجي،
جا مان ڏاڙهونءَ جي وڻ ڪي هٿان
تہ اُن جون ٽاريون ڪيچلين ڪنوارين وانگر ڪِل ۾ ويڙهجي وڃن،
۽ اُنهن تي ڏاڙهن بدران
ڳاڙها مٺول ٻار ڇمن،
جن کي مان پنهنجيءَ ٽوڪريءَ ۾ ڪٺي اچان
۽ پنهنجيءَ شاعريءَ جي پرستان ۾ ڇڏي ڏيان.

****

●

لورڪا!
تون ۽ مان جاڙا ڀائر آهيون،
ازل جي ڪُک مان ڄاوا آهيون،
ابد جي ڪُک ۾ موٽي ويٺا آهيون،
۽ سنڌ کان هسپانيا تائين
فاصلو
ازل ۽ ابد جي وچ تي
هڪ گراٽ برابر نہ آهي.

****

●

سج لهي رهيو هو ۽ اُن جا پوِيان شعاع هن جي منهن تي
پئجي رهيا ها؛
هن کي مينديءَ لڳل ڳاڙها وار ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي هُئي،
۽ هن ڳاڙهن چانورن جي مانيءَ جو ٽڪر چِني،
آندو هو پنهنجن چپن تائين؛
چڻ هو ڪائي گم شده تصوير تي لڳو
ڊچ مصورّ ريمبرانٽ جِي!
هو پوڙهو ٿي چُڪو هو ۽ هن جي منهن تي گهنج پئجي
چڪا ها،
هُن جون اکيون ڏاول هونديي بہ اُداس هُيون؛
لهندڙ سج ڪجھ وقت هن جي پيرن وٽ بيٺو
۽ پوءِ پاڻيءَ ۾ لهي ويو،
۽ ڪاري چِاڻ وٽ
پاڻ سان گڏ هُن کي بہ پاڻيءَ ۾ چِڪي ويو،
۽ هو اُنهيءَ غيب ۾َ پيهي ويو
جنهن ۾ ڪيئي ڳالهيون آهن
اکين کان اوجهل-

****

●

مان هر نئين نظم لکي سوچان ٿو
تہ ڪوئي اڇُوتو آهي.
مون کي هر نئين سِٽ ائين ٿي لڳي
ڄڻ مان ڪنهن اڻ-ڇُهيل ٻانهن کي ڇُهان ٿو
۽ قافيا ائين ملي وڃن ٿا
جيئن چپ چپن سان ملي ويندا آهن.
اي اُجايل هرڻي!
تون ڪٿي ڇُپيل آهين؟
هڪ بڪايل واگهہ وانگر
مون کي تُنهنجي خوشبو اچي رهي آهي
۽ مون ڪيتري وقت کان
شڪار نہ ڪيو آهي.

****

●

جڏهن چمڙا پر ڦڙڪائن ٿا
اونده جو انيوءَ ٿئي ٿو.

****

●

"تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ مون کان سواءِ ٻيون به ڪي عورتون آيون هيون، اهڙيون عورتون جي تنهنجي دل ۾ پيهي ويون هجن؟"

"هائو، ڪجهه آيون هيون، دل ۾ پيهي ويون هيون ۽ اڃا تائين اُتي آهن."

"مثلاً؟"

"هڪ ڀيري مان ريل جي دريءَ مان ٻاهر ڏسي رهيو هوس، ته اوچتو ٻي ريل حيدرآباد جي پليٽ فارم تي آئي ۽ منهنجي دريءَ جي سامهون هڪ ٻي دري اچي بيٺي. مون ڏٺو ته هڪ عورت دريءَ مان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن کي سنهو، نهرو بدن هيو ۽ چوليءَ مان هن جا پريل بانورا اُرهه نظر اچي رهيا ها؛ هن جا لُوٽا هن جي لُوندڙين تي لٽڪي رهيا ها ۽ هن جي ڪارين چيروين اکين ۾ صدين جي شناسائي هئي. مون کي ڏسي، هن پنهنجن لُوٽن کي لوڏو ڏنو ۽ اُنهن کي هٿ سان لسائڻ لڳي ته ايتري ۾ مون واري ريل هلڻ لڳي. هائو، هوءَ منهنجيءَ دل ۾ پيهي وئي هئي ۽ اڃا تائين اُتي آهي."

****

●

مان جنهن تاريءَ کي ڏوٽيان ٿو
اُن مان پٽر ڇڻن ٿا،
پٽر جي ڪڻهن ساوا!
ڪڻهن ڳاڙها آهن-
منصورا! مان توکان به اڳتي نڪري چُڪو آهيان
مون لاءِ ته ڪو شبلي به نه رهيو آهي.

****

●

چانڊ، پنهنجي نيري لباس ۾،
ٻير جي ٽاريءَ تي ويٺي هُئي؛
اوچتو هن جي ڇهنب ٿلي وئي،
هن جو بدن ٻير جي ٽاريءَ وانگر مُڙي ويو،
هن جا چنبا اُيا ٿي ويا
جڏهن هوا جي ٽاريءَ کي پڪڙيو هٿائون،
۽ اوچتو ٺهڪو ڏِئي هيٺ ڪري پئي
۽ مري وئي؛
۽ آسمان اُن تي پنهنجو نيرو ڪفن وجهي ڇڏيو.

****

●

ڪُتا
پوُنڪي پوُنڪي
ڏرڻيءَ ڪان پنهنجي ماٺ ڪسڻ چاهن ٿا!

****

●

غالب!
پنهنجا ابرو
پنهنجي قط وانگر
ڪٽي
آسمان جي
صفحهٔ قرطاس تي
ڇا ٿو لکِين؟

****

●

وقت ائين گذري رهيو آهي
جڻ ڪنهن معصوم ٻار جي ڪپيل نڙيءَ مان
خون وهي رهيو آهي.

****

●

ماضي رنگن، چهرن ۾ اڻ-موٽ
غلطين جو ڍير آهي،
۽ مستقبل ائين نظر اچي رهيو آهي
جيئن ڏند ۾ ڪائي ڀڳي ڏاڍ نظر ايندي هجي.

****

●

هاڻ ته هر شيءِ مايا وانگر لڳي رهي آهي،
رڳو هي سيخون ئي مايا نه آهن
جن کي آءٌ ڪپڻ چاهيان ٿو
پر ڪپي نه ٿو سگهان.

****

●

ڪنهن چاتو هو
ته جي ماڪ ڦڙن ۾ پٽ ڪينئن تي هاٿڪو لکي سگهندا ها،
برما ۾
اُگهاڙن انگن تي
سگريٽ جا ڏنپ ڏئي سگهندا!

****

●

"اسان سمجھو زندگيءَ جي ڳجھارت کي،
"موت جي ڳجھارت کي،
"تخليق ڪاريءَ جي خوبيءَ کي،
"عاشقيءَ جي خوبيءَ کي-
"هائو، انهن کي اسان سمجھو.
"باقي رهيون دنيا کي بدلائڻ جھڙيون خسيس ڳالهيون-
"اهي ڳالهيون اسان لاءِ نہ آهن"

(ڊاڪٽر زواگو)

پيسٽرنڪ!
پيسٽرنڪ!!
عظيم شاعر، ڇا تو چوين؟

****

●

(ڪاري)

ٽـ - پهريءَ جي ننڍڻ اُس ۾ جڏهن ڪانوَ جي اک ٽـپ
نڪري،
۽ لڳ ڄيٺ جي جهولي ۾ تپي تنور ٿي وين ٿا،
جڏهن پڪي پڪڻ آڪيرن اونائيتا ٿين ٿا،
۽ ماڻهو مانيءَ ڳيو ڪاٿي اک لائن ٿا،
اُن وقت هنن کي تنن جو ٽؤنس ڇڪي ٿي
۽ جهر جهنگ ۾ ملائي ٿي؛
ڪنهن ڪبڙ/ لئيءَ جي ٻوٽي ۾ ڇُرپر ٿئي ٿي،
ڪنديءَ جي ڪامَ تان
ننڍا ڪرو ڪارڪٽيي
ٽاهَ ڪاٿي اُڏامي ٿو،
تہ ڪاٿي ڪونج جهڙي ڳچي
ڇرڪي مٿي ڏسي ٿي،
۽ وري ڳاٽ پوري،
اکيون پوري،
پٽ تي پٺجي رهي ٿي،
پوءِ بہ اُساٽ، آت اُساٽ

ڇ ڪارا ڪرٽا جي هن جي اندرئين سچ مان نڪرن ٿا!
اندر بہ سچ، ۽ ٻاهر بہ سچ!
۽ اوچتو پگهر ۾ لويل پيار تي
کهاڙيءَ جا ٻہ ڏڪ-
واٽڙي، منجهيل راڙ،
رت، ڳاڙهو، ڪوسو رت،
گهونگهر گهنڊيون،
ٽِر ٽِروڪڙيون رَتَ،
۽ رت جي ڍُٻي ۾
اونهارو جو اُهاءُ!

****

●

سمنڊ موٽي رهيو آهي
سمنڊ کي ننڊ اچي رهي آهي.
روزمره جي زندگيءَ سان ٽڪرائجي،
عشق جي ڪشتي ٽٽي پئي آهي.
نهيو، تنهنجو منهنجو حساب چُڪتو!
هاڻي اجائي آهي
فهرست ڏاهڻ
هڪٻئي کي ڏنل ڏکن جي
غمن جي
دردن جي-
(مايا ڪو وسڪيءَ جو نظم جو هن خودڪشيءَ کان هڪ
رات اڳ لکيو هو)
مايا ڪو وسڪي!
دوست!
ڪاش، مون ۾ تو جيتري ارادي جي قوت هجي ها!

****

●

چنڊ آڪاس مان
ڪنهن جوڳيءَ جي ڪُنڊلي وانگر لڙڪي رهيو آهي،
۽ منهنجو من
هن سنسار مان ڪٽو ٿي پيو آهي؛
منهنجين اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن،
۽ ائين ٿو لڳي
ته هن ڦِڪيءَ، بي سواديءَ زندگيءَ ۾
لوڻ رڳو ڳوڙهن ۾ آهي.
نه ڄاڻان مان ڪنهن لاءِ روئان ٿو!
نه ڄاڻان مان ڇا لاءِ روئان ٿو!

****

●

تنهنجا وار
ساوڻ جون گهٽائون
۽ منهنجون اکيون
ٻه ڪاريون ڪويليون.

****

●

تون ڪير آهين
جو دور تان مون کي سڏي رهيو آهين
۽ تنهنجا سڏ
منهنجون هڏيون جهنجهوڙي رهيا آهن
۽ تنهنجا سڏڪا
طوفان ۾ ويڙهجي ويا آهن
۽ ڏورانهان لڳي رهيا آهن؟
پوءِ ۾
منهنجي دل جي دک دک بيهجي وئي آهي،
۽ وراڻي
منهنجن چپن تي
برف وانگر ڄمي وئي آهي.
ڇا، ائين ابد تائين
تنهنجا سڏ
طوفان ۾ ٻُرندا رهندا
۽ منهنجن چپن تي
برف
ڄمي رهندي؟

****

منهنجا گيت!
تون جو وڄ جي ٽاريءَ تي
گل وانگر
ٽڙيو آهين-
ڇا،
مند پوري ٿي ويندي،
ته تون به
ڇڻي ويندين؟

****

آويءَ ۾
رڳو ٿانوَ ته پچي نه رهيا آهن،
آويءَ ۾
منهنجن هٿن جو
اُهو ڇهاءُ به تپي ويو آهي
جنهن اهي ٿانوَ لسايا آهن.

****

●

ساز اُجهامي ويا آهن
رڳو ڏيئو
ٻٽ ٻٽ ڪري رهيو آهي
سنائي پيو-
تون ڪٿي آهين جنهن مون کي گيت ڏنا هئا؟
توُن جا پاڻ
هر گيت کان وڌيڪ
سرَل، سُريلو گيت هئينءَ!

****

●

منهنجي دل
هڪ زخمي فاخته وانگر
تڙپي رهي آهي
تو لاءِ
جنهن
مون تي رحم کائي
پنهنجا تير
ترڪش ۾ موٽائي وڌا آهن.

****

●

جڏهن بہ مون کي تنهنجي ياد ايندي آهي،
منهنجي هٿن تي نرگس جا گل ڦٽي پوندا آهن-
هٿ، جن سان مان تنهنجيون اکيون ڍڪي،
تنهنجن چپن کي چُمندو هوس.
جڏهن بہ مون کي تنهنجي ياد ايندي آهي
تڏهن ائين لڳندو آهي
تہ ڪائي هرڻي سارا سُنڙ چڙي،
ڪنهن آوُتڙ تي آئي آهي-
آوُتڙ، جنهن ۾ سوين ستارا جرڪي رهيا آهن،
۽ جنهن ۾ نيرو آسمان ٻڏي ويو آهي.
جڏهن بہ مون کي تنهنجي ياد ايندي آهي،
مون کي ساوا ميدان نظر ايندا آهن،
تنهنجي ياڪُر وانگر وڏا، ساوا ميدان!
هائو، جڏهن ڏينهن ڏاڍو تپي ويندو آهي،
تون مون کي ڏاڍي ياد ايندي آهين.

****

●

هي سانوڻ جو ڇمر،
سيرانديءَ هيٺان ڏٺِي،
ليٽي پؤَ،
پنهنجون ڇڱون هٽائي-
تہ جيئن تنهنجي منهن جي چانڊوڪي
مون تي پئجي سگهي.

****

●

مينهن بس تي ويو،
ڪڪر
ڪارونڀار ڪري
پنهنجي گهر وڃي رهيا آهن
پهاڙ جي پنيان؛
ننڍاڪرا مور
پرن ۾ سڪوڙجي ويٺا آهن؛
۽ رات لهي آئي آهي
پارِي نگر تي،
جتي سڏونت اجا تائين سڏي رهيو آهي
سارنگا کي.

****

●

جڏهن ڳوڙها سُڪي ويندا آهن
۽ ناڪٺا پنهنجيون ٻيڙيون
گهاٽ تي ٻڏندا آهن،
جڏهن پاڻيءَ جا پکي
واهيرن ڏانهن ورندا آهن،
۽ ٻارن جا ٽهڪڙا
سانت ۾ سمائجي ويندا آهن،
جڏهن ڏکڻ جو واءُ
تنهنجي دامن وانگر لڳندو آهي
۽ رات
منهنجيءَ اذيّت تي مرهم رکندي آهي،
مان توکي ڳوليندو آهيان منهنجي شاعري!
تون، جا مون کان وڃائجي وئي آهين.

****

نيو فيلڊس طرفان

هند ۽ سنڌ

جي مشهور معروف

مهان ليکڪ

## شيخ اياز

جو جلد نئون

شايع ٿيندڙ ڪتاب

# ڪتين ڪر موڙيا جڏهن

هي شاعريءَ جو ڪتاب شيخ اياز ٽن مهينن ۾ ڇئن هارٽ اٽيڪن دوران لکيو آهي جيڪو پنج سئو صفحن تي مشتمل آهي.